Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد: 09 | سومر 08 آگسٽ 2022ع 09 محرم الحرام 1444ھ | قيمت 10 رپيا | شمارو 293

پي ٽي آئي پوليٽيڪل آرڊر 2002 تحت فارن ايڊڊ پارٽي ڊڪليئر ٿي وئي: مريم اورنگزيب

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي موجب عمران صاحب 5 سال ڪوڙو ايفي ڊيوٽ جمع ڪرايو آهي، 8 سالن ۾ 11 پيرا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو دروازو کڙڪايو ويو آهي

9 وڪيل تبديل ٿي چڪا آهن، فارن ايجنٽ ۽ فارن ايڊڊ پارٽي جي قانون جاسمورا دروازا بند ٿين ٿا، 8 سالن ۾ پي ٽي آئي 9 وڪيل تبديل ڪيا 50 پيرا ڀڄڻ کي ملتوي ڪرايو

11 پٽيشنز هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيون، اڄ 100 ڳالهيون ڪري رهيا آهن 8 سالن ۾ اليڪشن ڪميشن ۾ ڪرڻ هئي نه: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ

رانا ثناءُالله جو خوف عمران خان کي هو انهيءَ ڪري 20 ڪلو هيروئن جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو، راڻا ثناءُالله جي ڊپ کان 25 مئي تي عمران صاحب خيبرپختونخواه ڀڄي ويو هو

فواد احتياط سٺي شئي آهي حيثيت ۽ اوقات تائين نه وڃو ته اوهان لاءِ سٺو ٿيندو، فارن فنڊنگ ڪيس جو فيصلو اچي چڪو آهي هاڻي قانون مطابق عمل ٿي رهيو آهي

8 سالن ۾ هڪ رپيو ۽ هڪ اڪائونٽ جو حساب ناهي ڏنو هاڻي ڪنهن جواب جي ضرورت نه آهي هاڻي فارن ايجنٽ عمران خان ۽ فارن ايڊڊ پارٽي جو ڪوڙ، فراڊ ۽ تماشو ختم

اسلام آباد (م ر) سڏ سماءَ واري وفاقي وزير فواد چوڌري جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف پوليٽيڪل پارٽي آرڊر 2002 تحت فارن ايڊڊ پارٽي ڊڪليئر ٿي وئي آهي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي موجب عمران صاحب 5 سال ڪوڙو ايفي ڊيوٽ جمع ڪرايو آهي پنهنجي بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته 8 سالن ۾ 11 پيرا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو دروازو کڙڪايو ويو آهي ۽ 9 وڪيل تبديل ٿي چڪا آهن هنچيوت ه فارن ايجنٽ ۽ فارن ايڊڊ پارٽي جي قانون جاسمورا دروازا بند ٿين ٿا هن چيو ته 8 سالن ۾ پي ٽي آئي 9 وڪيل تبديل ڪيا 50 پيرا ڀڄڻ کي ملتوي ڪرايو. 11 پٽيشنز هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

شهيدن جو مذاق اڏائيندڙن جو احتساب ضروري آهي: وزيراعظم

هيليڪاپٽر حادثي ڪانپوءِ شهيدن خلاف سوشل ميڊيا تي خطرناڪ مهم هلائي وئي، شهيدن جو مذاق اڏائيندڙن جو شدت سان احتساب ضروري آهي

شهيدن جي قربانين جو مذاق اڏائڻ جو عمل افسوس ۽ مذمت جوڳو آهي، اهڙن ماڻهن جو احتساب تمام ضروري آهي: پاڪستان مسلم ليگ ن جو صدر

اسان جي شهيدن جو مذاق اڏائڻ ۽ انهن کي گهٽ وڌ چوڻ جي سوشل ميڊيا مهم رڳو شرم جوڳي ئي نه پر خوفناڪ به آهي: شهباز شريف

تڪبر واري ۽ منافقاڻي سياسي نظريي جو اهو ئي نتيجو آهي ته هو ڪچن ذهنن ۾ زهريري بدتهذيبي کي هٿي ڏيندو آهي

هڪ ڏينهن اڳ بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو هو ته هيليڪاپٽر حادثي تي سوشل ميڊيا تي مهم هلائيندڙن جي مالي سرپرستي ڪئي پئي وڃي

آخر اسان جو معاشري ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي، اسان کي شدت سان پنهنجي احتساب جي ضرورت آهي: وزيراعظم جو ٽوئيٽر تي بيان

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته شهيدن جو مذاق اڏائيندڙن جو شدت سان احتساب ضروري آهي. هيليڪاپٽر حادثي ڪانپوءِ شهيدن خلاف سوشل ميڊيا تي خطرناڪ مهم هلائي وئي. وزيراعظم شهباز شريف سماجي رابطن واري سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ چيو ته شهيدن جي قربانين جو مذاق اڏائڻ جو عمل افسوس ۽ مذمت جوڳو آهي، اهڙن ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سڏ سماءَ بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

فوج خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ايف آءِ اي جاچ ڪري: سليم مانڊوي والا

ڪراچي (م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سليم مانڊوي والا چيو آهي ته فوج خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف ايف آءِ اي جاچ ڪري … /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير جو ترجمان فياض الحسن چوهاڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

”چا هي وائسراءِ آهي“ شيرين مزاري جي آمريڪي سفير جي طورخم دوري تي تنقيد

آمريڪي سفير ۽ ان جي گينگ طورخم ويندي پاڪستان جي ڳجهن علائقن مان گذري رهي آهي، زمين جي سروي ڪري رهي آهي

ڪين سرڪاري بريفنگ ۽ ريڊ ڪارپيٽ ڏنو ويو آهي، انهن علائقن ۾ عام پاڪستاني شهري نٿا وڃي سگهن: شيرين مزاري

جي ڊونلڊ بلوم وائسراءِ آهي ۽ ان جو انا ۽ تڪبر سيني تي حاوي آهي؟ آمريڪي سازش تحت حڪومت جي تبديلي جو هڪ بينيفشري بورو ٿيو

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف اڳواڻ شيرين مزاري آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم طرفان ملڪ جي ”ڳجهن علائقن“ جي دوري تي تنقيد ڪندي سفير کي ”وائسراءِ“ قرار ڏنو آهي، شيرين مزاري ٽوئيٽ ۾ چيو ته آمريڪي سفير ۽ ان جي گينگ طورخم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ن ليگ پاران پارليامينٽ ذريعي نوازشريف جي واپسي جو رستو ڳولهڻ تي غور شروع

پارليامينٽ سياستدانن تي سڄي جمار لاءِ پابندي ڪري سگهي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو ته عدالت ان کي لاڳو نه ڪري سگهي: ذريعا

جيڪڏهن قانونسازي کي پارليامينٽ ۾ آندو ويو ته ان کي منظور ڪيو ويندو، ان جو فائدو نوازشريف کي ٿيندو

قانون کي متعارف ڪرائڻ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران سپريم ڪورٽ ۾ سياستدانن تي تاحيات پابندي جي چئلينج ڪندڙ درخواست جي نتيجن سان ڳنڍيل هوندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ (ن) سازي تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي … مطابق نوازشريف کي پاناما ڪيس … /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خان حرڪتن کان نه مڙيو ته عوام جا هٿ سندس ڳچيءَ ۾ هوندا: شرجيل انعام ميمڻ

هيليڪاپٽر سانحي جي شهيدن جي وارثن سميت سموري قوم سوڳوار آهي، عمران خان جي جماعت سانحي بابت جيڪا غيراخلاقي مهم هلائي

ان سان شهيدن جي وارثن ۽ قوم جي دل آزاري ٿي آهي، پنهنجين حرڪتن کان نه مڙيو ته پاڪستان جي غيرتمند عوام جا هٿ سندس ڳچيءَ ۾ هوندا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هيليڪاپٽر سانحي جي شهيدن جي وارثن سميت سموري قوم سوڳوار آهي، عمران خان جي جماعت سانحي بابت جيڪا غيراخلاقي مهم هلائي آهي ان سان شهيدن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪستان اڄ يزيديت جي گهيري ۾ آهي: عمران خان

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته هر دور جو پنهنجو يزيد هوندو آهي، پاڪستان اڄ يزيديت جي گهيري ۾ آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان چيو ته اقتدار ۾ موجود ڌوهارين ۽ انهن جي سرپرستن جي صورت ۾ پاڪستان اڄ يزيديت جي گهيري ۾ آهي. هن چيو ته ڇا اسان جا ماڻهو به خوف ۾ مبتلا ٿي ان سازش سامهون ڪنڌ جهڪائيندا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ عزاداري جو سلسلو جاري

مختلف شهرن مان اٺين محرم جا ماتمي جلوس برآمد، هر پاسي يا حسين جون صدائون

ڪراچي ۾ امام عباس علمدار جي ياد ۾ مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ عزاداري جو سلسلو جاري، مختلف شهرن مان اٺين محرم جا ماتمي جلوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت يوٽيلٽي اسٽورن تي دالين جي قيمتن ۾ واڌ ڪري ڇڏي

مختلف دالن جي قيمتن ۾ 48 رپيا في ڪلو تائين واڌ ڪئي وئي آهي

يوٽيلٽي اسٽورن تي ڪارا چڻا 48 رپيا في ڪلو، ثابت مسرور 10 رپيا في ڪلو مهانگو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر) يوٽيلٽي اسٽورن تي دالن جي سرڪاري اگهن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. دال جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته مختلف دالن جي قيمتن ۾ 48 رپيا في ڪلو تائين واڌ ڪئي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آصف زرداري جمهوري سياست جو امام آهي: قادر پٽيل

شيخ رشيد جي سياسي آخرت عمران خان جا ڪِنا ڪپڙا ڌوئڻ ۾ گذرندي، آصف زرداري جمهوري سياست جو امام آهي

آصف زرداري ادارن کي اڻ ڌريو بڻائڻ لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي آهي، هو جمهوري سياست جو امام آهي: وفاقي وزير

شيخ رشيد پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته زميني طاقتون 15 جماعتن سان گڏ آهن ۽ آسماني طاقت عمران خان گڏ آهي

ڪراچي (م ر) وفاقي وزير قادر پٽيل چيو آهي ته آصف زرداري جمهوري سياست جو امام آهي، عوامي مسلم ليگ شيخ رشيد جي بيان تي ردعمل ڏيندي قادر پٽيل چيو ته شيخ رشيد جي سياسي آخرت عمران خان جا ڪِنا ڪپڙا ڌوئڻ ۾ گذرندي. هن چيو ته آصف زرداري ادارن کي اڻ ڌريو بڻائڻ لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي آهي. هو جمهوري سياست جو امام آهي. واضح رهي ته شيخ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: وفاقي وزير قادر پٽيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي: ميڊيڪل آفيسر چيف سيڪريٽري کان به وڌيڪ طاقتور

ڪراچي (رپورٽر) صحت کاتي جو سينيئر ميڊيڪل آفيسر چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري صحت کان به وڌيڪ طاقتور نڪتو. سيڪريٽري صحت ذوالفقار شاهه جي سفارش تي چيف سيڪريٽري پاران بدلي ڪيل ايڊيشنل ڊائريڪٽر 3 مهينن کان چارج ئي نه ڇڏي ڏي جي صحت جي آفيس جي 19هين گريڊ جي ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اڳوڻو گورنر عمران اسماعيل ايف آءِ اي طلب

آءِ اي سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل ڪانسواءِ پي ٽي آءِ جي اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر سيما ضياءَ کي به طلب ڪري ورتو

ٻن خانگي بئنڪن جي آفيسرن کي به ايف آءِ اي آفيس طلب، خانگي بئنڪن جي آفيسرن کي 10 آگسٽ تي ايف آءِ اي آفيس ڪراچي ۾ طلب ڪيو ويو

سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر سيما ضياءَ کي 12 آگسٽ ۽ سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل کي 15 آگسٽ تي طلب ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) منع ٿيل فنڊنگ ڪيس جي جاچ ۾ اڳوڻي گورنر سنڌ عمران اسماعيل کي به طلب ڪري ورتو آهي. ايف آءِ اي سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل ڪانسواءِ پي ٽي آءِ جي اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: نشتر پارڪ ۾ علامه شهنشاهه حسين نقوي مجلس عزا کي خطاب ڪندي

فوج هر آفت ۽ ڏکئي وقت ۾ قوم جي خدمت ڪئي: چوڌري شجاعت حسين

پاڪ فوج هر آفت، مصيبت ۽ ڏکئي وقت ۾ قوم جي مدد ۽ خدمت ڪئي، فوج خلاف پروپيگنڊا برداشت جوڳي ناهي

پاڪ فوج امن امان جي بحالي ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ قربانيون ڏنيون: ق ليگ سربراهه

لسٻيلا سانحي جي شهيدن جي وارثن سان ڏک ۾ قوم برابر جي شريڪ آهي، سياستدان فوج سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪن

لاهور (م ر) ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت حسين چيو آهي ته پاڪ فوج هر آفت، مصيبت ۽ ڏکئي وقت ۾ قوم جي مدد ۽ خدمت ڪئي، فوج خلاف پروپيگنڊا برداشت جوڳي ناهي. پنهنجي بيان ۾ چوڌري شجاعت حسين چيو ته پاڪ فوج امن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلامي سهارو وٺندڙن کي هاڻي قانوني تڇ جي ضرورت آهي: راڻا ثناءُالله

اسلامي ٽچ ڏيندڙ فنڪارن کي هاڻي قانوني ٽچ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته پرڏيهي فنڊنگ ۾ ملوث جوابدار 8 سالن کان ڀڄي رهيا آهن

شهيدن خلاف مهم هلائيندڙ گندا ۽ گهٽيا ڪردار آهن، عمران نيازي 8 پوري ڪوشش ڪئي ته پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جو فيصلو نه اچي

پر الله تعاليٰ سچ ظاهر ڪري ڇڏيو، الله سائين جو ڪرم ٿيو جو جعلي صادق ۽ امين جي اصليت قوم جي سامهون اچي وئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته اسلامي ٽچ ڏيندڙ فنڪارن کي هاڻي قانوني ٽچ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته پرڏيهي فنڊنگ ۾ ملوث جوابدار 8 سالن کان ڀڄي رهيا آهن. شيخ رشيد جي رد عمل ۾ بيان ڏيندي وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

امام حسين جي شهادت جي حوالي سان سڄي ملڪ ۾ مجلسون

مختلف شهرن ۾ ذاڪرين ڪربلا ۾ حضرت قاسم جي بهادري جا واقعا بيان ڪيا

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم تي يزيد فوج جي مظالم جو ذڪر ڪيو ويو

ڪراچي (م ر) نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي نواسي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ان جي ساٿين جي شهادت جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب حڪومت ماڊل ٽائون سانحي جي تيز رفتار جاچ ڪرائيندي: فواد چوڌري

اميد آهي ته راڻا ثناءُالله، عطا تارڙ ۽ ملڪ احمد خان جاچ ۾ سهڪار ڪندا، راڻا ثناءُالله جي حيثيت ڪوهسار ٿاڻي جي ايس ايڇ او جيتري آهي

حڪومتي تبديليءَ ڪانپوءِ فيصل آباد به نه ويو آهي، ايف آءِ اي ڪهڙي حيثيت ۾ پارٽي اڳواڻن کي نوٽيس جاري ڪري رهي آهي

اليڪشن ڪميشن فارين فنڊنگ واري ڪيس ۾ رڳو پي ٽي آءِ خلاف فيصلو ڏنو، قانون موجب هر سياسي پارٽي بابت فيصلو اچڻ گهرجي ها

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف پاران ماڊل ٽائون سانحي جي رپورٽ تي پنجاب ۾ ڪارروائي شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته پنجاب حڪومت ماڊل ٽائون سانحي جي تيز رفتار جاچ ڪرائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪندي

روسي هائپر سونڪ ميزائل سائنسدان غداري جي الزام هيٺ گرفتار

ماسڪو (م ر) هائپر سونڪ ميزائل جي تياري روسي سائنسدان کي غداري جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب ڊاڪٽر اليگزينڊر شيپليوڪ انسٽيٽيوٽ آف ٿيوريٽيڪل اينڊ اپلائيڊ مڪينڪس آف رشين اڪيڊمي جي سائبيريا برانچ ۾ ڊائريڪٽر طور مقرر هو. ڊاڪٽر ايلگزينڊر جي گرفتاري کان اڳ هلندڙ سال وڌيڪ ٻن روسي سائنسدانن کي پڻ غداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ ۾ برساتون ئي برساتون، موسميات کاتي آگاهه ڪري ڇڏيو

سنڌ ۾ چوماسي جون هوائون داخل ٿي رهيون آهن، 9 آگسٽ کان هوائون شدت اختيار ڪري سگهن ٿيون: ذريعا

بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ 10 آگسٽ کان برسات جي شدت ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي: موسميات کاتو

ڪراچي (م ر) چوماسي جون هوائون سنڌ ۾ مسلسل داخل ٿي رهيون آهن. ان کي ڏسندي موسميات کاتي سنڌ ۾ وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزا تي ٻئي ڏينهن به اسرائيل جي بمباري، شهيدن فلسطينين جو انگ 24 تي ويو

اسرائيلي فورسز غزا پٽي ۾ پناهگيرن جي ڪئمپ کي نشانو بڻايو، جنهن ۾ 9 ڄڻا شهيد ٿي ويا

اسرائيلي فوج ٻن ڏينهن دوران 6 ٻار سميت 24 فلسطينين کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي: ذريعا

غزا (م ر) غزا تي مسلسل ٻئي ڏينهن اسرائيل طرفان بمباري ڪئي وئي ۽ شهيد فلسطينين جو انگ 24 تي ويو آهي. اسرائيلي فورسز غزا پٽي ۾ پناهگيرن جي ڪئمپ کي نشانو بڻايو، جنهن ۾ 9 ڄڻا شهيد ٿي ويا. اسرائيلي فوج ٻن ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

انا جي جبل تي ويٺل جو قوم گهيرو ڪري: نواز شريف

لنڊن (م ر) ن ليگ قائد نوازشريف ڊالر جو قدر گهٽجڻ بابت صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. لنڊن ۾ حمزا شهباز سان ملاقات ڪانپوءِ روانگي وقت صحافين سان ڳالهائيندي نواز شريف چيو ته حمزا شهباز سان ملاقات سٺي رهي. ان موقعي تي صحافين نوازشريف کي ڊالر جو اگهه گهٽجڻ تي مبارڪ ڏني. جنهن تي ن ليگ قائد چيو ته الله جي برڪت ڪٿي اسان ته گناهه گار آهيون. انشاءَالله ملڪ جون حالتون بهتر ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته انا جي جبل تي ويهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ڊي ايم جي عمران خان خلاف داخل ريفرنس ۾ وڏو انڪشاف

وزيراعظم طور عمران خان توشا خانا مان ڪجهه تحفا مفت ۾ به ورتا هئا، عمران خان ڪجهه تحفا ته پئسا ڏئي حاصل ڪيا پر اڪثر تحفا ادائيگي بنائي پنهنجي گهر کڻي ويو

توشا خانا جي قاعدن تحت انهن جي وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻ گهربي هئي، عمران خان خلاف ريفرنس ۾ الزام آهي ته عمران خان انهن تحفن کي پنهنجي گوشوارن ۾ به ظاهر نه ڪيو

اليڪشن ڪميشن پي ڊي ايم جي درخواست تي عمران خان کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس 18 آگسٽ تي طلب ڪيو آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ريفرنس ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته وزيراعظم طور عمران خان توشا خانا مان ڪجهه تحفا مفت ۾ به ورتا هئا. پي ڊي ايم طرفان جمع ڪرايل ريفرنس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حافظ نعيم الرحمن ۽ امير يوسف جو يوسي چار جو دورو

جماعت اسلامي خدمت خلق ۾ سڀ کان اڳڀرو آهي ۽ اسان جي واحد جماعت آهي جيڪو بغير ڪنهن مفاد جي عوام جي خدمت جو جزبو رکي ٿو

سهراب ڳوٺ يوسي چار تي اسان جماعت اسلامي پاران اميدوارن عبدالستار برفت سميت ۽ ٻين اميدوارن کي 28 آگسٽ تي تارزو تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا

ڪراچي جو ميئر شپ جماعت اسلامي کي ملي وڃي ته هو اڳ کان اڳڀرو تي ڪري ڪراچي ڀهراڙي وارن علائقن ۾ اوليت جي بنياد تي ترقياتي ڪم ڪرائيندا

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمن ۽ ضلعي شمالي جي امير يوسف ۽ ٻين جو سهراب ڳوٺ يوسي چار جو دورو ڪيو ان موقعي هرهنڌ زبردست آجيان ڪئي وئي. جي ورڪرن ۽ جماعت اسلامي سپورٽر علي پنهور ٻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور: صوبائي دار الحڪومت ۾ ٿيندڙ برسات ڪانپوءِ روڊ تي بيٺل پاڻي نظر اچي رهيو آهي

ڪراچي: گرين لائن بس سروس بند ڪرڻ جو اعلان

عاشوري جي ڏينهن جي سلسلي ۾ 7، 8 ۽ 9 آگسٽ تي گرين لائن بس سروس کي بند رکيو ويو: ذريعا

گرين لائن بس سروس جي آخري ۽ مرڪزي اسٽيشن نمائش چورنگي پرسان ٽن ڏينهن تائين عاشوري جي ڏينهن جي سلسلي ۾ جلوس نڪرندو آهي

سيڪيورٽي سببن جي بنياد تي علائقي کي مڪمل طور سيل ڪيو ويندو آهي، عاشوري واري ڏينهن جي ڪري سرڪاري موڪلن ۽ ٻين مصروفيتن سبب مسافر موجود نه هوندا

ڪراچي (م ر) محرم الحرام جي مناسبت سان ٽيڪنيڪي بنيادن تي گرين لائن بس سروس اڄ کان ٽن ڏينهن لاءِ بند ڪئي وئي آهي. گرين لائن بي آر ٽي ايس جي ترجمان موجب عاشوري جي ڏينهن جي سلسلي ۾ 7، 8 ۽ 9 آگسٽ تي گرين لائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

زميني طاقتون 15 حڪمران جماعتن سان ۽ آسماني طاقت عمران خان سان گڏ آهي: شيخ رشيد

ملڪ ڏيوالي ڏانهن وڃي رهيو آهي، ناڻي جي متاسنا جا ذخيرا، ڀڇ ۽ ايڪسپورٽ گهٽ ٿي رهي آهي، ناڻي وارو وزير هڪ هفتو ٽيڪس لڳائي ٿو

هن وقت تائين سمورين آئيني ترميمون ملڪ لاءِ نه پنهنجي ذات ۽ مفاد لاءِ ڪيون ويون آهن، اڃا تائين جو قرض لاءِ به آرمي چيف کي فون ڪرڻي پئي ٿي

سياستدان پنهنجا خراب ڪپڙا ميڊيا ۾ ڌوئي رهيا آهن، هي ٻوڏ جا فوٽو ڪڍرائڻ تي زور ۽ اسٽيٽ بينڪ جو گورنر مقرر ڪرڻ جو وقت ناهي

اسلام آباد (م ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته زميني طاقتون 15 حڪمران پارٽين سان گڏ آهن. جڏهن ته آسماني طاقت ۽ عوام عمران خان سان گڏ آهي. سوشل ميڊيا تي جاري بيان ۾ شيخ رشيد چيو ته ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

يوٽيوب وڊيوز کي زوم ڪرڻ جو آپشن ڏئي ڇڏيو

فيچر کي يوٽيوب جي موبائل ايپ ۾ آزمايو پيو وڃي پر اهو رڳو پريميئر سبسڪرائيبرز لاءِ دستياب آهي

پنچ-ٽو-زوم نالي فيچر سان توهان ڪنهن به وڊيو کي پورٽريٽ يا فل اسڪرين ڏسندي به زوم ڪري سگهندا

لنڊن (م ر) يوٽيوب هڪ نئون فيچر متعارف ڪرائي رهيو آهي جنهن سان واهپيدار ڪنهن به وڊيو کي زوم ڪري سگهندا. فيچر کي يوٽيوب جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

12-12 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ، شارٽ فال 6 هزار ميگا واٽ ٿي ويو

اسلام اباد (م ر) سڄي ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 6 هزار 439 ميگا واٽ تائين پهچي ويو آهي. جنهن سبب شهرن ۾ 6 کان 8 ڪلاڪ ۽ ٻهراڙين ۾ 10 کان 12 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي. ايڪسپريس نيوز موجب ملڪ ۾ معمول کان وڌيڪ برساتن باوجود بجلي جي گهربل پيداوار حاصل نه ٿي سگهي. ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 6 هزار 500 ميگا واٽ جي ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه شيخ رشيد پريس ڪانفرنس ڪندي

بلوچستان سانحي خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف جاچ شروع، جي ٽي آءِ قائم

اسلام آباد (م ر) وفاقي جاچ اداري (ايف اءِ اي) بلوچستان ۾ هيلي ڪاپٽر حادثي ۽ شهيدن خلاف سوشل ميڊيا تي ناڪاري پروپيگنڊا ڪندڙ عنصرن خلاف جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ايف آءِ اي پاڪ فوج جي هيلي ڪاپٽر جي حادثي ۽ شهيد اهلڪارن خلاف ناڪاري پروپيگنڊا ڪندڙ عنصرن جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙي ڇڏي آهي. ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: تحريڪ انصاف جو سينيٽر اعجاز چوڌري پي ٽي ۽ اڳواڻ حليم عادل شيخ سان ملاقات ڪندي

احساس پروگرام جي رقم ۾ واڌ، اڳوڻي ثانيا نشتر ڪندي

پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

صوبي ۾ احساس راشن رعايت پروگرام شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

لاهور (م ر) پنجاب ۾ احساس راشن رعايت پروگرام تحت 1000 رپيا مهينو بدران 1500 رپيا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پنجاب جي وڏي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

غوثپور جي امام بارگاهه شهيد ڪربلا يا حسين جي صدائن سان گونجڻ لڳي

سوين شيعه فرقي جي عزادارن ماتم ڪري يا حسين يا حسين جون صدائون بلند ڪيون

محرم تي شهر جي مرڪزي امام باگاهه ۾ عزاداري جو سلسلو زور شور سان جاري آهي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور محرم الحرام غوثپور شهر جي امام بارگاهه شهيد ڪربلا يا حسين جي صدائن سان گونجڻ لڳي سوين شيعه فرقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو لڳ خدا آباد ۾ مرڪزي قلندري امام بارگاهه تي غازي عباس جو پرچم بلند

جنرل سيڪريٽري سيد شبير شاهه، سيد فدا حسين شاهه ،صدر يونٽ خدا آباد پاران شرڪت

ثاقب شاهاڻي ۽ لاهوتي اعظم مهيسر علي رضا مهيسر سوڀو خان مهيسر زوار شريڪ ٿيا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو لڳ خدا آباد ۾ مرڪزي قلندري امام بارگاهه تي هر سال جيان هن سال به 7 محرم الحرام تي مولا غازي عباس جو پرچم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪرمپور محرم شريف يوم شهداءِ جي ياد ۾ زوار نورحسن دايو جي پڙ تي مجلس

ست محرم يوم شهداءَ جي ياد ۾ زوار نورحسن دايو طرفان مجلس عزا جو پروگرام منعقد

عرض محمد بنگلاڻي، عالم شاهه بخاري سميت ڪرمپور جي سوين مومنين شرڪت ڪئي

(عبدالنبي ملڪ) ڪرمپور محرم شريف يوم شهداءَ جي ياد ۾ زوار نورحسن دايو جي پڙ تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي خبر موجب ڪرمپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڌڪوٽ ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ 8 محرم تي مرڪزي جلوس نڪتو

مرڪزي امام بارگاهه گل شاهه غازي تان شهزاده قاسم عليه سلام جو تاريخي جلوس برآمد ٿيو

وڏي تعداد ۾ شريڪ عزادار مومنن پاران ماتم نوحا خواني ۽ زنجير زني ڪئي ۽ ڀيٽا پيش ڪئي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:ثناءَالله تالپر) ڪنڌڪوٽ ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ 8 محرم الحرام جي سلسلي ۾ انجمن حيدري جي سرپرست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جوهي لڳ ڳوٺ جيئندو ڳاڏهي ۾ ڳاڏهي ۽ کوسه برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 زخمي

ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب نتيجي ۾ ڳاڏهي برادري جا 5 ماڻهو زخمي جوهي اسپتال داخل

ڳاڏهي برادري جي ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو نتيجي ۾ ڳاڏهي برادري جا 5 ماڻهون زخمي

جوهي (ن سنڌيار) جوهي لڳ ڳوٺ جيئندو ڳاڏهي ۾ ڳاڏهي ۽ کوسه برادري جي ٻن ڌرين ... جوهي اسپتال داخل خبر موجب جوهي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

قاسم آباد ۾ مبينا قتل ٿيل پورهيت نوجوان عثمان سومرو جي قتل خلاف احتجاج

جوابدارن جي گرفتاري ۽ سومرا برادري جي مقتول ڌر خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ريلي

احتجاجي ريلي ۾ سومرا برادري جي عبدالعزيز سومرو، اقبال سومرو، ڪامريڊ عزيز سومرو پاران مظاهرو

ماجد خاصخيلي مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي:مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ سومرا برادري پاران 9 مهينا اڳ قاسم آباد ۾ مبينا قتل ٿيل پورهيت نوجوان عثمان سومرو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ سومرا برادري جي مقتول ڌر خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دڙو : قاسم آباد ۾ مبينا قتل ٿيل پورهيت نوجوان عثمان سومرو جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي ٻولي جي ڀڙين شهيد عبدالرزاق سومرو جي ورسي تقريب

مورو (رپورٽر) مورو ۾ مختلف قوم پرست جماعتن جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، جسقم بشيرخان قريشي گروپ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، جيئي سنڌ محاذ، جيئي سنڌ آريسر گروپ، سڳا پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو پوليس جو انڙال روڊ تي ڪارروائي، وارداتن ۾ ملوث هجڻ جي الزام هيٺ 2 ڄڻا گرفتار

ڏيهن اڳ پنهور برادري جي بيٺل سوزوڪي پڪ اپ مان چوري ڪيل 2 ٽائر هٿ ڪيا ويا

جوابدار قمر ڪلرو، نثار ڪلرو ۽ عاشق ڪلرو سميت ٻين تي ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو آهي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو پوليس جو انڙال روڊ تي ڪارروائي، وارداتن ۾ ملوث هجڻ جي الزام هيٺ 2 ڄڻا گرفتار ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي نائب صدر طارق دراني تي حملي خلاف احتجاج

ڊاڪٽر طارق سومرو ڪي مارڪيٽ ٽائي جي پوليس گذريل رات گرفتار ڪري ورتو

لسانيت ڦهلائڻ جي به سازش ڪئي آهي جنهن جو لاڳاپيل ادارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي:صحافي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي نائب صدر ۽ سينيئر صحافي طارق دراني تي قاتلاڻي حملي ۽ موتمار ڌمڪين واري ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول لڳ ڳوٺ حاجي جانو ماڇي جي رهواسين پاران نوجوان جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

نوجوان غلام محمد پٽ غلام رسول جانواڻي ملاح جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بلوچستان ۾ لانگهاري جي مزدوري ڪرڻ لاءِ ويل هئا ته ڪنهن معمولي ڳالھ تان منهن تي:مظاهرين

سجاول(د.ر) سجاول لڳ ڳوٺ حاجي جانو ماڇي جي رهواسين جانواڻي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪنهن معمولي ڳالھ تان جهيڙو ٿي پيو هو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سجاول : ڳوٺ حاجي جانو ماڇي جي رهواسين پاران نوجوان جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽي سان تعلق رکندڙ ٻه نوجوان ڪنڊڪٽر ۽ ڊرائيور جي ورچڙهي اغوا ٿي ويا، پينگ طلب

نوجوان رفيق شورو ۽ ٺٽي شهر جي بخاري محلي جو رهواسي نوجوان اصغر سمون اغوا ٿي ويا

ڊرائيور ڪچي واري علائقي ۾ يرغمال بڻائي رکي آزادي لاءِ 8 لک روپيه پينگ جي طلب ڪري ڇڏي

ٺٽو (—) ٺٽي سان تعلق رکندڙ ٻه نوجوان ڪنڊڪٽر ۽ ڊرائيور جي ورچڙهي اغوا ٿي ويا سندن بازيابي لاءِ 8 لک روپيا پينگ جي طلب ڪري ڇڏي آهي. نوجوانن جا وارث سخت پريشان. تفصيل موجب ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

جوهي ۾ وڌندڙ بدامني، صفائي نه ٿيڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اهلتشيع جوهي پاران ضلعي ۽ تعلقي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

غلام محمد ٿهيم، دين محمد لغاري، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

احتجاجن باوجود ايس ايس پي دادو ايس ايڇ او جوهي ڪک ڀڃي ڀيٽو ناهي ڪيو:مظاهرين جون ڳالهيون

جوهي (ن سنڌيار) جوهي ۾ وڌندڙ بدامني، صفائي نه ٿيڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ خلاف اهلتشيع جوهي پاران ضلعي ۽ تعلقي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو خبر موجب، شيعه علماء ڪائونسل اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جوهي : وڌندڙ بدامني صفائي نه ٿيڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز جي ڳوٺ ڪاهي ممن ۾ شب عزاداري نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

نوشهروفيروز (د.ر) هر سال جيان هن سال به ڳوٺ ڪاهي ممن ۾ شب عزاداري نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ۽ مرڪزي العباس امامبارگاهه ۾ مجلس عزا برپا ڪئي وئي جنهن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

برساتن ڪانپوءِ ضلعي ۾ گندگي وڌي وڃڻ سبب مليريا سميت ٻيون بيماريون ڦهلجي ويون

سموري ضلعي ۾ گندگي جي ڪري مڇرن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي:ساجاهه وند

ميرپور ساڪرو جي يونين ڪائونسل گهگهي جي رهواسين پاران شڪايت ڪئي وئي آهي

صحت کاتي ۽ چونڊيل نمائندن جي بيحسي تي ماتم ٿي ڪري سگهجي ٿو، نوٽيس ورتو وڃي

ٺٽو (ٻر) برساتن ڪانپوءِ سموري ضلعي ۾ گندگي وڌي وڃڻ سبب مليريا سميت مختلف وبائي بيمارين ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي خاص طور تي سموري ضلعي ۾ گندگي جي ڪري مڇرن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سانوڻي برساتن ڪانپوءِ ٽنڊو غلام حيدر ۾ برساتي پاڻي جمع ٿيڻ ڪري گندگي وڌي وئي

گندگي وڌي وڃڻ سبب مليريا سميت مختلف ٻين خطرناڪ وبائي بيمارين ۾ ويتر اضافو

ڀرپاڙي جي سوين ڳوٺن ۾ گندگي وڌي وڃڻ جي ڪري مڇرن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي

تعلقي جي سمورن شهرن ڳوٺن ۽ علائقن ۾ ترت مڇر مار اسپري ڪرائي ڏنو وڃي:علائقي واسي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) سانوڻي برساتن ڪانپوءِ سموري تعلقي ۾ برساتي پاڻي جمع ٿيڻ ڪري گندگي وڌي وڃڻ سبب مليريا سميت مختلف ٻين خطرناڪ وبائي بيمارين ۾ ويتر اضافو ٿيندو پيو وڃي رهواسين پاران احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

درگهه بالا ويجهو ڳوٺ سيوو جمالي ۾ برسات غريبن جا اجها لوڙهي وئي

متاثر خاندانن جي ڪنهن به واهر نه ڪئي بکون ڪاٽڻ لڳا، ڊي سي نوٽيس نه ورتو

ٽي هفتا گذري ويا پر ڳوٺ سيوو جمالي جي غريب متاثر خاندان جي مالڪي نه ٿي سگهي

ڳوٺاڻن حاجي ملوڪ جويو، چنيسر جويو، درياءَ خان جويو، ميهر جويو، ۽ ٻين احتجاج ڪيو

درگهه بالا (رپورٽ محمد اسماعيل لانگاهه) درگهه بالا ويجهو ڳوٺ سيوو جمالي ۾ ٿئين سول غريبن جا اجها لوڙهي وئي متاثر خاندانن جي ڪنهن به واهر نه ڪئي بکون ڪاٽڻ لڳا ڊي سي دادو سميت ٻين عالمي ادارن ۽ اين جي اوز کان مدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

درگهه بالا : ڳوٺ سيوو جمالي جا رهواسي برسات سبب متاثر ٿيل رهواسي ڏانهنيندي

سکر جي سول اسپتال ڪالوني جي رهواسڻ نوجوان ناري پاران احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽر) سکر جي سول اسپتال ڪالوني جي رهواسڻ نوجوان ناري مڙس جي مبينا زيادتين خلاف انصاف لاءِ سکر نيشنل پريس ڪلب پهچي وئي. راشد شر پنهنجي والده ۽ جوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پي ايس 99 وزير ڳوٺ ۾ گٽر اٿلي پيا گندي جا ڍير لڳي ويا، حليم عادل شيخ غائب

مختلف بيمارين جنم وٺڻ شروع ڪري ڏنو، گٽرن جي پاڻي سان ڀريل گندگي جا پڻ ڍير

گندگي جي ڍيرن مان اٿندڙ بيمارين دست الٽي خارش اکين جي بيمارين سان گڏ بخار وائرل

بيمارين لاءِ موجود لاسي ڳوٺ ۾ بيسڪ هيلٿ سينٽر مان به عوام کي ڪو فائدو ملي نه سگهيو

ڪراچي :(باغي ساگر پنهوار) پي ايس 99 وزير ڳوٺ ۾ گٽر اٿلي پيا گندي جا ڍير لڳي ويا مختلف بيمارين جنم وٺڻ شروع ڪري ڏنو پي ايس 99 مان چونڊيل پي ٽي آئي جو اڳواڻ حليم عادل شيخ غائب علائقي واسين ۾ ڪاوڙ جي لهر روڊ رستا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: پي ايس 99 وزير ڳوٺ ۾ گٽر اٿلي پيا آهن ٻي طرف حليم عادل شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪربلا جي شهيدن پاران ڏنل لازوال قرباني کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ عزاداري جو سلسلو جاري

سکر (بيورو رپورٽ) ڪربلا جي شهيدن پاران ڏنل لازوال قرباني کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ نصيرآباد ۾ عزاداري ۽ ماتم حسين منعقد ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي سکر جي ڳوٺ نصيرآباد ۾ ڪربلا جي شهيد امام حسين جو ماتم. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گلاب لغاري ٿاڻي ۾ لوڪل اهلڪار تعينات آهن جنهن سبب بدامني آهي: سوڍو ڪوسو

اڪثريت اهلڪار سالن کان ٿاڻي تي مقرر ٿيل آهن جنهن سان ڏوهن ۾ اضافعو ٿي رهيو آهي

گلاب لغاري ٿاڻي جي حدن ۾ شراب جون ڀٽيون جوا جا اڏا منشيات سرعام وڪامي ٿي:ڳالهيون

چمبڙ (رپورٽر) گلاب لغاري ٿاڻي ۾ لوڪل اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊوالهيار ۾ وڌندڙ سماجي برائين خلاف پي ٽي آءِ طرفان ريلي ڪڍي وئي

پي ٽي آئي ڪارڪنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي ۽ سخت نعريبازي ڪئي

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ سماجي برايون عروج تي آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ وڌندڙ سماجي برائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جماعت اهلسنت قاسميه درگاهه عاليه مشوري شريف طرفان ڪانفرنس سڏائي ٿيندي

ڪانفرنس سڏائي 10 محرم الحرام لاڙڪاڻي شهر جي جناح باغ ۾ منعقد ڪيو ويندو

مولانا عبيد ڏاهري، مولانا حافظ علي اڪبر قاسمي سميت عالم دين شرڪت ڪندي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جماعت اهلسنت قاسميه درگاهه عاليه حضرت مشوري شريف طرفان ساليانه 143 هون ذڪر حسين عليه سلام ڪانفرنس سڏائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

موروپرسان ڳوٺ مولا بخش زرداري مڪرياري جي رهواسڻ جو احتجاج

گلبهار زرداري جي بيواهه مسمات زرينا زرداري پنهنجي ٻارن سميت مظاهرو ڪيو

مڙس جي نندي گهر واري ۽ ان جا پائر اسان جي حق تي قبضو ڪري ويٺا آهن: زرينا زرداري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ رييس مولا بخش زرداري مڪرياري جي رهواسڻ مرحوم گلبهار زرداري جي بيواهه گهر واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: مورو ڳوٺ مولا بخش زرداري مڪرياري جي رهواسڻ احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي شهر جي معظم ڪالوني جي رهواسين پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پاڪ ڪتاب کڻي باائرن ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

بااثر مڙس عبدالرزاق سومرو ۽ چاچي راجا سومرو سان جهيڙو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو:عورت

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي معظم ڪالوني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سرڪاري اسپتالن اندر ڊاڪٽر عملي تي تشدد خلاف بل تي عمل ڪرايو وڃي: محمد عثمان ماڪو

اسپتالن تي حملي ڪندڙ خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي اهڙو بل اسيمبلي مان پاس ڪرايو ويو آهي

ترميمي بل منظور افسوس ناڪ عمل آهي انهن جي ڪري اهڙا بل هميشا پاس ٿيندا رهندا رهيا آهن

سکر رپورٽ) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

لاڙڪاڻو پريس ڪلب طرفان پريس ڪلب ۾ نياز حليم جو اهتمام

نثار کهڙو، جميل احمد سومرو، گهنور علي لغاري ۽ ايس ايس پي شريڪ ٿيا

عبدالستار کهاوڙ، صدر لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس اير پريل شيخ ۽ ٻيا شريڪ هئا

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ هر سال هن سال به لاڙڪاڻو پريس ڪلب طرفان پريس ڪلب ۾ نياز حليم جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو، چيئرمين پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقا موومينٽ پاران احتجاجي مظاهرو

زيب علي ساريو ۽ ڪامريڊ قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي

هڪ طرف يا حسين جي صدائن سان گڏ يزيديت خلاف ڦٽڪار وسي رهي آهي: زيب علي ساريو

تورن مسئلن لاءِ به باڊهه واسي ڳرا پاڙا پري ٻين شهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور بڻيل آهن: ڳالهيون

باڊهه (رپورٽ: محمد بن قاسم ٻگهيو) باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقا موومينٽ پاران تعلقا موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينرز زيب علي ساريو ۽ ڪامريڊ قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهه پريس ڪلب کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان ۾ 8 محرم الحرام جي حوالي سان 4 کان وڌيڪ ماتمي جلوسن برآمد

8 محرم الحرام جي حوالي سان 4 کان وڌيڪ ماتمي جلوسن برامد ڪيا ويا، انتظام سخت

ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ شهر جي مختلف پڙن ۽ امام بارگاهن ۾ مجلسن ۽ عزادارين جو سلسلو جاري رهيو

سڄي شهر ۾ پوليس ۽ رينجرز جي جوانن پاران سيڪورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا،دستا مقرر

ٽنڊومحمدخان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ 8 محرم الحرام جي حوالي سان 4 کان وڌيڪ ماتمي جلوسن برامد ڪيا ويا 8 کان وڌيڪ مختلف هنڌن جي مجلس عزا منعقد ڪيون ويو خبر موجب ٽنڊومحمدخان شهر ۾ 8 محرم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊوغلام حيدر سال ۾ تڪ جي ايم اين اي سيد نويد قمر جو واعدو وفا نه ٿي سگهيو

عوام کان ووٽ وٺي اليڪشن کٽڻ بعد مسلسل گم عوام جون دانهون پاڻي ۾ لڙهي ويون

عوام کي خالي دلاسن ۾ رهائي ڪين سيني بنيادي سهولتن کان محروم رکي ڇڏيو آهي

سموري تعلقي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪي به بنيادي سهولتون ميسر ناهن

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر سال 2021 ۾ تڪ جي ايم اين اي سيد نويد قمر جو واعدو وفا نه ٿي سگهيو ايم اي اي عبدالڪريم سومرو به عوام کان ووٽ وٺي اليڪشن کٽڻ بعد مسلسل گم عوام جون دانهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

تعليم کاتي سکر جي ڊاريڪٽر جو اوچتو اسڪولس تي ڇاپو، اسڪول جي گيٽ کي تالا لڳل

ڊاريڪٽر ايجوڪيشن سکر عبد الوحيد انڊڙ هيڊ ماسٽر ماستريائڻين کي شوڪاز جاري ڪري ڇڏيا

الوحيد انڊڙ اسڪولن دي دوري تي نڪري پيو باگڙجي جي گرلس اسڪول ۽ بوائز اسڪول تي پهتو

ٻارڙن جي تعليم تباهي جو ذميور تعليم کاتو سکر آهي عملو ڊيوٽي ناهين ڪندو: عبد الوحيد انڊڙ

سکر(رپورٽ) تعليم کاتي سکر جي ڊاريڪٽر جو اوچتو اسڪولس تي ڇاپو باگڙجي گرلس اسڪول ۽ بوائز هاءِ اسڪول جو عملو غير حاضر گرلس اسڪول جي گيٽ کي تالا لڳل عملو غير حاضر هئڻ تي ڊاريڪٽر ايجوڪيشن سکر عبد الوحيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپورمهر ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

40 کان 54 مارڪون کڻندڙ پي ايس ٽي اميدوارن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي

ساجد حسين مهر، ارشد علي دايو، رحمت الله سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

54 مارڪون کڻندڙ اميدوارن کان ڪاغذ وٺي آفر آرڊر ورهائڻ جو سلسلو شروع ناهي ڪيو ويو:مظاهرين

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ تعلقي جي 40 کان 54 مارڪون کڻندڙ پي ايس ٽي اميدوارن هٿن ۾ بينر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپورمهر : آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

سکر ۾ بلوچستان ۾ هيليڪاپٽر سانحي ۾ شهيد ٿيل فوجي آفيسرن کي سرخ سلام پيش

سکر (رپورٽر) بلوچستان ۾ هيليڪاپٽر سانحي ۾ شهيد ٿيل فوجي آفيسرن کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ شهيد بينظير ڀٽو ايسوسيئيشن پاران ريلي ڪڍي وئي، سکر نيشنل پريس ڪلب آڏو تنظيم جي چيئرمين رفيق ڪوسو صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سيوهڻ ۾ عشره محرم الحرام دوران ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ عزاداري جو سلسلو جاري

امام حسين عالي مقام ۽ سندن جانثارن جي ياد ۾ مجلسون ۽ سينه زني ڪري ڀيٽا پيش

عشره محرم الحرام تاريخي شهر سيوهڻ ۾ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ ۾ عشره محرم الحرام دوران ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ عزاداري جو سلسلو جاري سيدالشهداءَ سيدنا امام حسين عالي مقام ۽ سندن جانثارن جي ياد ۾ مجلسون ۽ سينه زني ڪري ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي مومنين لاءِ ٿڌي پاڻي شربتجون سبيلون ۽ لنگر نياز جو پڻ بندوبست خبر موجب حق ۽ باطل جي وچ ۾ معرڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊوالهيار ۾ ڪربلا جي شهيد امام حسين عليه سلام ۽ ساٿين جي ياد عزاداري جاري

مجلسن. ماتمي جلوسن. نوحا خواني. سينازني جو سلسلو هلندڙ،2 الڳ الڳ قديمي ماتم برآمد

امام بارگاهه انجمن سفينه حيدري تان گادي نشين مصدق حسين حيدري پاران ماتمي جلوس ڪڍيو ويو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) سڄي دنيا جيان ٽنڊوالهيار ۾ به ڪربلا ۾ شهيدن ٿيندڙ امام حسين عليه سلام ۽ سندن ساٿين جي ياد عزاداري جو سلسلو جاري آهي انهي سلسلي ۾ ملڪ جي ٻين شهرن جيان ٽنڊوالهيار ۾ به مجلسن. ماتمي جلوسن. نوحا خواني. سينازني جو سلسلو هلندڙ آهي جڏهن ته گذريل رات ٽنڊوالهيار شهر مان 2 الڳ الڳ قديمي ماتمي جلوس درگاهه سخي موج دريا بادشاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

خانپورمهر ۾ ناري سان ڇيڙ ڇاڙ جي الزام هيٺ تشدد جو نشانو بڻيل نوجوان جي حالت خراب

بااثر هندو سيٺن هٿان تشدد جو نشانو بڻيل نوجوان وڃئي ڪمار مينگهواڙ جي حالت خراب ٿي وئي

نوجوان کي نازڪ عضون ۾ ڏڪ لڳڻ سبب سندس جسم جي نازڪ حصن تي زخم ٿي چڪا آهن

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ هندو ناري سان ڇيڙ ڇاڙ جي الزام هيٺ پوليس توڙي بااثر هندو سيٺن هٿان تشدد جو نشانو بڻيل نوجوان وڃئي ڪمار مينگهواڙ جي حالت انتهائي خراب، رحيم يارخان ڪانپوءِ ڪراچي جي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

غلام الله لڳ ڳوٺ محمد ماڇريو ملاح جي ڪيترن ئي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

نوجوان غلام قادر مانجريو جو علاج نه ڪرڻ تي توڙي ڪين اسپتال مان ڪڍي ڇڏڻ خلاف احتجاج

ڊاڪٽر منير درس وٽ علاج لاءِ نيو جنهن علاج ڪرڻ بجاءِ ڪيس اسپتال مان ڪڍي ڇڏيو:وارث

ٺٽو(ٻر)غلام الله لڳ ڳوٺ محمد ماڇريو ملاح جي ڪيترن ئي رهواسين پاران غلام الله جي پرائيويٽ اسپتال جي ڊاڪٽر پاران سندن بيمار نوجوان غلام قادر مانجريو جو علاج نه ڪرڻ توڙي ڪين اسپتال مان ڪڍي ڇڏڻ واري عمل خلاف ٺڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

خصوصي ماڻهن جي بحالي واري کاتي جو خاص مددگار پاران غلام قادر پنهور جي والد جي تعزيت

ضلعي صدر صادق علي ميمڻ پريس ڪلب گهارو جي سابق صدر غلام قادر پنهور سان تعزيت ڪئي

توهان جي والد محترم جي اوچتو وڇڙي وڃڻ تي ڪين وڏو ڏک ٿيو آهي: صادق علي ميمڻ جون ڳالهيون

ٺٽو (ٻر) وزيراعليٰ سنڌ جي خصوصي ماڻهن جي بحاليءَ واري کاتي جو خاص مددگار صادق علي ميمڻ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ضلعي صدر صادق علي ميمڻ پريس ڪلب گهارو جي سابق صدر، سينيئر صحافي ۽ مشهور ڪمپيرئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ناروشاهه ۽ ڀرپاسي ۾ گيسٽرو ڊائريا ۽ مليريا تي ضابطو نه اچي سگهيو اختياريون خاموش

گيسٽرو وڌيڪ ٻن ڄڻن جون حياتيون ڪسي ورتيون هڪ هفتي اندر فوتين جو انگ 8 ٿي ويو

صحت کاتي توڙي ضلع انتظاميا کي به جوڳا اپاءَ نه ورتا وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ جو خدشو

ناروشاهه (رپورٽ راشد علي ميمڻ) ناروشاهه ۽ ڀرپاسي ۾ گيسٽرو ڊائريا ۽ مليريا تي ضابطو نه اچي سگهيو گيسٽرو وڌيڪ ٻن ڄڻن جون حياتيون ڪسي ورتيون هڪ هفتي اندر فوتين جو انگ 8 ٿي ويو ڪيترائي ٻارڙا ۽ بيمارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi

Email: dailysindhyar@gmail.com
Tel: 021_35650370, 32046551 Fax: 35650371

Publisher: A.Hussain Printer: Sim Printing Press I.I Chundrigar Road Karachi.
Office: 807 Trade Tower Abdullah Haroon Road Karachi
روزاني سنڌيار سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي.
سومر 8 آگسٽ 2022 ع

ڊالر جو گهٽ ٿيڻ عوام کي فائدو ڏئي سگهندو...!

حقيقت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي تہ، سياست ۽ اقتصاديات جو هڪٻئي سان انتهائي گهرو لاڳاپو هوندو آهي. جن بہ ملڪن ۾ سياسي، سماجي حالتون مستحڪم ۽ بهتر هونديون آهن، انهن ملڪن اندر معاشي ۽ اقتصادي ترقي بہ تيزيءَ سان ٿيندي آهي، ملڪ ۾ سياسي حالتن جي بهتري ۽ جمهوري قدرن جي آبياريءَ جي ڪري ئي معيشت مضبوط ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ سياسي حالتن جي ابتري ۽ سماجي انتشار واپاري سرگرمين توڙي امپورٽ ايڪسپورٽ جي ڪاروبار کي نقصان رسائيندي آهي. جنهن سان نہ رڳو ملڪ ۾ معاشي سرگرمين کي ڌڪ لڳندو آهي پر ان سان گڏوگڏ مهانگائي، بک، بيروزگاري ۾ بہ واڌارو ٿيندو آهي، جنهن ڪري ملڪ جو غريب عوام بک ۽ بدحاليءَ جي ور چڙهي ويندو آهي. خاص ڪري اهڙا ملڪ جيڪي غير ملڪي قرضن جي بار هيٺ دٻيل هوندا آهن ۽ جيڪي غير ملڪي قرض ڏيندڙ ادارن جا محتاج هوندا آهن انهن ملڪن ۾ سياسي استحڪام ۽ جمهوريت جي مضبوطي لازمي عنصر آهي، جنهن سان ملڪ ۾ اقتصادي ۽ معاشي استحڪام بہ اچي ٿو.

جيئن تہ ڪجهہ مهينا اڳ پي ٽي آءِ حڪومت خلاف وزيراعظم عمران خان کي سندس عهدي تان لاهڻ لاءِ ملڪ جي سمورين سياسي پارٽين گڏجي اتحاد ناهي قومي اسيمبليءَ ۾ عدم اعتماد جي تحريڪ آندي هئي ۽ ان سان پي ٽي آءِ حڪومت جو خاتمو تہ اچي ويو هو پر اقتدار کان محروم ٿيندڙ پارٽيءَ جي سياسي سرگرمين ۽ موجوده حڪومت جي اقتداري گرفت مضبوط ٿيڻ تائين ملڪ ۾ هڪ غيريقيني سياسي صورتحال پيدا ٿي وئي، ان کانسواءِ اڳوڻي حڪومت جي آءِ ايم ايف سان ڪيل سخت شرطن وارن معاهدن سبب ملڪ جي اقتصادي حالت بہ انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي وئي هئي، جنهن ۾ ڊالر جي وڌندڙ قيمت روپئي جي قدر ۾ مسلسل لاٿ سبب ملڪ ۾ تيل، گيس، بجليءَ جا تہ اگهہ وڌي ويا پر ان سان گڏوگڏ کاڄرو تيل، اٽي، کنڊ، پتي توڙي ٻين روزاني استعمال جي شين جا اگهہ بہ چوٽ چڙهي ويا هئا ۽ غريب ماڻهوءَ جي زندگي مشڪلاتن جو شڪار ٿيڻ لڳي هئي پر ڏٺو وڃي تہ هن وقت ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ٿيڻ سان ئي ملڪ ۾ اقتصادي حوالي سان بہ استحڪام جي اميد پيدا ٿي آهي، خاص ڪري ڊالر جي اڏامندڙ اگهہ کي ڪجهہ بريڪ لڳي آهي ۽ روپئي جي ڪِرندڙ حيثيت بحال ٿيڻ لڳي آهي، جنهن سان اها اميد پيدا ٿي آهي تہ ملڪ جي سياسي ۽ معاشي حالت ۾ پڻ بهتري ايندي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ شايد اهو پهريون ڀيرو ٿيو آهي جو ڪنهن شيءِ جا وڌندڙ اگهہ گهٽ ٿيڻ لڳا آهن، جيڪا خوش آئند ڳالهہ آهي. ان کانسواءِ اهي امڪان بہ آهن تہ هلندڙ مهيني جي آخر تائين عالمي قرض ڏيندڙ اداري آءِ ايم ايف کان بہ قرض جي نئين قسط ملي ويندي، جنهن سان پڻ ملڪ جي اقتصادي حالت ۾ اڃا وڌيڪ بهتري اچڻ جا امڪان آهن. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ ۾ سياسي استحڪام ۽ ڊالر جي وڌندڙ اگهہ جي گهٽتائي، روپئي جي ڪِرندڙ قدر ۾ واڌاري سبب ملڪ ۾ واپاري ۽ اقتصادي سرگرمين ۾ پڻ بهتري آئي آهي، جنهن جو ثبوت ملڪ جي اسٽاڪ ايڪسچينج جي پوائنٽن ۾ واڌارو آهي. سو ڏٺو وڃي تہ اهي سڀ حالتون عوامي مفاد ۽ ملڪي استحڪام جي حوالي سان بهتر آهن ۽ جيئن تہ هن وقت عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهہ بہ گهٽ ٿيا آهن تہ ان حوالي سان هاڻ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ وفاقي حڪومت مليل اقتصادي رليف جا فائدا عوام ڏانهن بہ منتقل ڪري، عوام ويچارو جنهن کان اسان جا موجوده حڪمران هجن يا ماضيءَ جا حڪمران، هميشہ قربانيءَ جي گهر ڪندا رهيا آهن تہ "ملڪ هن وقت ڏکين حالتن ۾ آهي، عوام ٿورو مهانگائي برداشت ڪري، قرباني ڏئي،" تہ هاڻ جڏهن ملڪ ۾ اقتصادي حوالي سان سڌارو واءُ لڳو آهي، ڊالر جي اگهہ ۾ لاٿ آئي آهي، روپئي جو قدر وڌي رهيو آهي تہ پوءِ ان جو فائدو ملڪ جي غريب عوام کي بہ ملڻ گهرجي، خاص طور تي جڏهن هن وقت ملڪ ۾ برساتن تباهي مچائي ڇڏي آهي، مٿان وري ٻوڏ جو بہ خطرو آهي، عوام اڳ ۾ ئي مهانگائيءَ سبب بدحالي ۽ بک جو شڪار آهي، اهڙين حالتن ۾ ملڪ جي اقتصادي حالتن ۾ بهتريءَ جو فائدو عوام ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجي، حڪومت کي رڳو پنهنجي خزاني کي ڀرڻ جو فڪر نہ هئڻ گهرجي پر ان سان گڏ عوام جي مشڪل زندگي ۽ تڪليفن ڀرئي جيون جو بہ احساس ڪرڻ گهرجي ۽ ملڪ جي غريب عوام کي بہ فائدو پهچائڻ لاءِ پيٽرول، بجلي، گيس جا اگهہ گهٽائڻ سان گڏ کاڌي، پيتي جي شين جا اگهہ بہ گهٽائڻ لاءِ مناسب قدم کڻڻ گهرجن تہ جيئن ملڪ لاءِ قرباني ڏيندڙ ملڪ جو غريب عوام بہ سُک جو ساهہ کڻي سگهي.

ڪشمير: آرٽيڪل 370 جو سوال

رياض ابڙو

هونءَ ڳالهہ نہ ڪيجي يا ڪجي پر جڏهن ڪشمير جو سوال ٿو اچي تڏهن فلسطين سميت سيني مسلمان رياستن جي ڳالهہ چڙهي ٿي اچي تہ اسان جا اڳوڻ سچا ناهن اتي اسان جو تنظيمون بہ (جيئن او آءِ سي) سست آهن معني عملي ڪم پنهنجي جاءِ تي رڳو "لپ سروس" مان ڪم ڪڍيون وينا آهن، عمل درآمد ناهي يا اسان اثرانداز ناهيون، يا نرجا يا بي اثر آهيون، اهي ارهہ زوراڀون، ارڏايون، جنگيون ۽ جدال پنهنجي جاءِ تي اسان تہ پنهنجي "او آءِ سي" جي گڏجاڻين تي حيرت ٿا کائون تہ اهي ڪو زبردست ڪم نہ ٿيون ڪن، معني جي او آءِ سي جي گڏجاڻين جي مهل ٿي اچي تہ اسان جي اڳوڻي وزيراعظم (عمران خان) کي جي20 جي ميٽنگ ياد ٿي اچي. يا عرب سڳورا هن کي پنهنجا جهاز ٿا موڪلن تہ او آءِ سي جي ميٽنگ ڇڏ ۽ سڌو آمريڪا اچ ۽ هي پڳو هليو ٿو وڃي، چو تہ اتي ڪشمير جي ايجنڊا تي سعودي سميت امارات کي بہ حامي ڀرڻي پوندي آهي ان ڪري نہ عرب هوندا، نہ اسان جو وزيراعظم هوندو نہ اسان حامي ڀريندا اسين نہ ڪشمير آزاد ٿيندو. وري ڪلهوڪو ڏينهن آ جڏهن اسان جي اڳوڻي وزيرخارجا اهو چئي سڪون محسوس ڪيو هوندو تہ "ڀارت جي ڪشمير ۾ 370 آرٽيڪل لاڳو ڪري ٿي تہ ان جي مرضي" معني ان جو مطلب اهو آ تہ ڪشمير اسان جو ناهي ڀارت جي مرضي جيئن وٽيس ٽيئن ڪري، ۽ ڀارت جي ڳالهہ اسان جن اڳوڻن پي ٽي آءِ جي اڳواڻن کي مڃڻي هئي يا انهن کي اسان جي پاران اها "در" هئي تہ پلاجي نہ ٿا پڇي سگهن تہ پوءِ ڀارت کي جيئن وٽي ٽيئن ڪري، آرٽيڪل 370 جي معني اها بہ آهي تہ ڀارتي ڪشمير ۾ پراپرٽي وٺي سگهن ٿا، اهي اتي آباد ٿي سگهن ٿا، اتي جي آباد ٿيندا تہ معني اهي اتي نوڪريون بہ ڪري سگهن ٿا، اتي ڪاروبار هلائي سگهن ٿا، اهي اتي صنعتون، فيڪٽريون آفيسون کولي ۽ هلائي سگهن ٿا، اهي اتي ڪنسٽرڪشن ڪري سگهن ٿا، وري اهو بہ آهي تہ اهي ڀارتي جي اتي ڪشمير ۾ نوڪريون بہ ڪري سگهن ٿا تہ اتي ووٽ بہ داخل ڪرائي سگهن ٿا، اهي اتي جي ووٽ داخل ڪرائيندا تہ پوءِ رهيو ڇا، معني اهي جي ڪشمير جي ايوانن ۾ ويندا، اتي قانون پاس ۽ قانون ناهيندڙ بڻجي ويا تہ پوءِ پاڪستان جو ڇا؟ معني اسان جي اڳوڻي وزيرخارجا جي اهڙو غيرزميوارانو بيان يا انٽرويو تہ اها ڳالهہ ٿو سمجهائي تہ هاڻي هي هٿ ڌوئي وينا هيا (۽ آهن) پوءِ سوال اهو آهي تہ هيل تائين بندوقن صاف ڪرڻ تي، جنگين وڙهڻ تي، بم گولن تي ايڏي بجيٽ جو ضايع ڪين؟ (ان مان جي صنعتون ۽ فيڪٽريون هڻن هان تہ اسان تہ واقعي ئي ايشيا جا ٽائيگر ٿي وڃون هان جو ايٽمي طاقت هوندي بہ اسان مٿان ڊرون حملا ٿيندا رهيا، ۽ اسان جون سرحدون سدائين غيرمحفوظ رهنديون آيون، ۽ سدائين غيريقيني صورتحال ۾ ڦاٿا رهياسين، معني سدائين قرضي).

وري جهادي تنظيمن جي جدوجهد ڪشميرين جي خون سان ناانصافي چئبي جو هيل تائين لکين ڪشميرين رڳوان ڪري بہ قرباني پئي ڏني تہ هڪ ڏينهن انهن سان حق خودارادیت واري راند سچ ثابت ٿيندي، پر اسان جا اڳواڻ بہ ائين آهن جيئن عرب، معني فلسطينين جي نسل سان اسرائيل راند پيو کيڏي، هر ٻئي ٽيئن سال سوين فلسطيني عرب ماري وري وقتي ناهہ جون ڳالهيون ڪري، مسلمانن کي جذباتي ڪري، انهن کي روڄڻ تي آڻي، انهن کي ايتري شدت تائين چتو ۽ چريو ڪري ٿا ويهن جو اهي پنهنجن ئي پٽين تي اسرائيل کي گارگند ڪري، نعري بازي ڪري، جهنڊا ڦوڪائي، القدس القدس ڪري ڪري چِتا ٿي ٿا پون، جو ڪڏهن ڪڏهن شدت ۾ پنهنجي ملڪن، ماڻهن، ملڪيتن کي نقصان پهچائي رڳو زباني ڪلامي ڪم ڪري وري چپ، پر عملي ڪم تہ اسرائيل ۽ ڀارت ٿو ڪري معني سڪتا نعرا نہ پر واقعي ئي پنهنجن نسلن لاءِ عملي قدم، يا فلسطيني عربن جي ايتري خون ريزي ٿا ڪن جو مسجد اقصي ۾ اندر گهري فائرنگ ٿا ڪن، پر مجال آ جو ڪو عرب اٽي اهو چئي هان تہ اسرائيل سان بائيڪاٽ آ، پر ساڳي ڳالهہ ڪشمير سان بہ آ تہ جيئن دنيا جي مسلمان فلسطين کي انهن جي خطي جو مسئلو ٿا سمجهن، انهن جي زبان ۽ زمين جو مسئلو ٿا سمجهن، تيئن ئي ڪشمير کي بہ عرب اجائي سجائي مسئلو ٿا سمجهن ۽ ڪڏهن بہ ڀارت کي ناراض نہ ڪندا، ۽ نہ ئي ان جي لاءِ عملي قدم کڻڻ جي همت سارينداا، پر ڀارت پنهنجو ڪم ڪري ويندي، ۽ اسان قوم کي "ڪشمير بني گا پاڪستان" جهڙي ڏٿي ۾ رکندا ايندا سين. ۽ غريبن جي ٽيڪس، معدني دولت ۽ ٻيون ڪمايون رڳو بم گولن تي خرچ ڪري سرحدن جا ٽينشن وڌائي پوءِ وزيرخارجا وانگي اهڙو بيان جاري ڪنداسين جنهن ۾ اسان جو پائي جو ڏوهہ نہ هوندو.

پر وري اسان جي اڳوڻي وزيراعظم جو بيان همٿائيندڙ ۽ گڏوگڏ مجهائيندڙ ضرور هيو تہ ڀارت 370 آرٽيڪل تان هٿ کڻي، ۽ 5 آگسٽ 2019 واري ڪشمير جي حالت بحال ڪري، ۽ ڪشمير تي ظلم ۽ بربريت، ڌاڙ ختم ڪري تہ پاڪستاني سرڪار ڀارت سان ڳالهين جي لاءِ هردم تيار ويٺي آهي، چو تہ امن جي بحالي سان واپار جي رستا کلندا، واپار جي ڏي وٺ ٿيندي، ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ ۽ متاستا جي ڪم ۽ واپار ۾ واڌارو ايندو، پر ڳالهين جي ميز تائين ايندي ايندي هي وري اهڙو چڙي ٿا وڃن جو سرحدن جي چڪتاڻ شروع ٿي ٿي وڃي، بارڊرن تي فائرنگ جي ڏي وٺ الڳ، هي تہ هڪٻئي جا جهاز ڪيرائڻ ۽ پڪڙڻ ۾ وري دير نہ ٿا ڪن، جو ڪلبوشن جو مسئلو يا ان جهڙا مسئلا سامهون ٿا اچن، وري ڀارت سان وري ڳالهيون ٿيون هلن جو سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿو وڃي وري ڪشمير اتي جو اتي، اسان تہ اهڙا آهيون جو ڪنٽينرن تي بيهي بہ ڪوڙ ٻدوڙ، ڪوڙيون دعوائون، ڪوڙيون ڌاڙون ڊشون هڻي وري ڪشمير جا ڪوڙا نقشا بہ هلائي ٿا ڇڏيون جڻ عوام هنن حڪمرانن کي سچائي ئي نہ ٿو هي حڪمران حقيقت ۾ ڪا بہ ڳالهہ سچائي سان وفاداري سان همت سان ڪرڻ ئي نہ ڄاڻن، ڀلا جي سچائي سان رڳو "لپ سروس" ڇڏي عملي ڪم ڪن جنهن سان دنيا جي مسلمانن جي جان ڇُٽي، اهي بہ سڪ جو ساهہ کڻن، ائين ٿو لڳي جڻ هن صديءَ ۾ مسلمان هجڻ ڪو وڏو گناهہ آ، جو مسلمانن جي خطي ۾ رهڻ جڻ ايڏي وڏي [illegible] خطا آهي جو نہ ڪو يورپ جو ملڪ عزت ٿو ڪري، آمريڪا جڏهن ڪاوڙجي تڏهن سيني کي ڇڏي ايئرپورٽ تي رڳو مسلمانن کان چيڪنگ جون ڊگهيون لائينون هٿائي، اسڪريننگ، چيڪنگ، اسڪيننگ، جانچ پڙتال، ۽ الائي جي ڇا ڇا، پر ان جي پيٽ ۾ رڳو ڊينيل پرل بلوچستان ۾ گم ٿي ٿو وڃي تہ اسان جهڙن ملڪن تي ڏمر ٿو ڪري، چو ملڪن جي عزت ٿي ماڻهن جي عزت ۽ ناموس سان مشروط آ، جي ملڪ جي ٿوري گهڻي عزت آهي تہ ماڻهن جي پاسپورٽ کي بہ ڪو بليڪ نہ ٿو ڪري سگهي، ائين ئي ڪشمير، فلسطين ۽ افغانستان جي مسلمانن سان گڏ اسان بہ گهوٽبا ٿا رهون، چو تہ اڳواڻن جي بردباري ۽ بهادري بہ ليکي ئي وڃي تہ اهي قوم سان ڪيترا سچا ۽ سڌا آهن.

ڀران جي پيٽ ۾ ڪشمير ۾ ڪو بہ پاڪستاني نہ ڪا ملڪيت وٺي ٿو سگهي نہ ڪا پراپرٽي ڏئي وٺي ٿو سگهي ۽ نہ ئي اهي ڪشميري ڪنهن بہ پاڪستاني کي ڪا ملڪيت وٺڻ ڏيندا آهن، پر اسان وٽ ڪشمير روڊ بہ آهي، اسان وٽ ڪشميري ڪالوني بہ آهي اسان وٽ ڪشميرين جي لاءِ نوڪريون بہ آهن اسان وٽ سوسائٽيون بہ آهن، ڳالهہ سمجهہ کان مٿي آ تہ اسان ڪشميرين جا آهيون يا غير مشروط طور تي ڪشميري اسان جا آهن، چو تہ اسان جو انهن سان ايڏو ئي مضبوط رشتو آ جيترو فلسطينين جي مسلمانن سان، جيترو ايغور جي مسلمانن سان جيترو افغانستان جي مسلمانن سان، ايترو ئي ٻين عربن، ايرانين ۽ عراقين سان بہ آهي، اها حقيقت مڃڻ گهرجي تہ جيئن فلسطين ۾ 1948 ۽ 1967 سن کانپوءِ مسلسل ظلم ۽ ڌاڙائي جي ڪري اتي هاڻي 20 مان 40 ۽ وري 60 سيڪڙو اسرائيلي آباد ٿيڻ سان اتان جي ڊيموگرافي تبديل ٿيندي ٿيندي فلسطيني 30 لکن کان مٿي بي گهر ۽ اسرائيلي سڄي دنيا مان آهستي آهستي آباد ٿيندا ٿا وڃن، اتي رهي وري فلسطينين تي ظلم ڪرڻ ۾ آساني محسوس ٿا ڪن، وري آمريڪا جا اها پٺ ڀرائي ۽ پٺي تي ٿڦڪي تہ جي عرب، مسلمان ۽ فلسطيني اسرائيل کي ملڪ تسليم نہ ڪندا تہ انهن جي مٿان اهي ڳالهيون مهاڙيون، جنگيون، ظلم، بربريت جاري رهندا، چو تہ هاڻي 1948 واري صورتحال ناهي هاڻي اتي اسرائيلي آبادي تمام گهڻي ٿي وئي آ، ائين ئي ڪشمير جي ڳالهہ بہ ڳنڍي هلون تہ اتي 370 آرٽيڪل جي لاڳو ٿيڻ سان ڀارتي آبادي ويندي وڌندي، وڃي ٿي وڌندي، جيئن اسرائيلي آبادي جو حال ائين ئي ڪشمير جو حال بہ ٿيڻو آ پوءِ دنيا اهو چوڻ ۾ آسان هوندي تہ جتي ڪشميري آهن ئي ڪو نہ اتي ڪشمير ڇا جو؟ چو تہ اسان تہ ڪشميرين کي آبادي ڪرڻ ۾ خوش آهيون، انهن کي نوڪريون ڏيڻ ۾ دل برداشتا ناهيون پر اتي پاڪستانين جون رهائشي اسڪيمون اڏڻ ۾ نہ ڪشميري خوش هوندا، نہ اسان ڪنداسين، نہ اهي ڪرڻ ئي ڏيندا، پر اهو بہ آهي تہ اسان جي اتي فرضي حڪومت بہ تہ ناهي، اتي جي اسيمبلي بہ الڳ آ، اتي جي معيشت، ٽيڪس، قانون بہ انهن جا پوءِ اسان جو چاهي؟

وري جهادي تنظيمن جي جدوجهد ڪشميرين جي خون سان ناانصافي چئبي جو هيل تائين لکين ڪشميرين رڳوان ڪري بہ قرباني پئي ڏني تہ هڪ ڏينهن انهن سان حق خودارادیت واري راند سچ ثابت ٿيندي، پر اسان جا اڳواڻ بہ ائين آهن جيئن عرب، معني فلسطينين جي نسل سان اسرائيل راند پيو کيڏي، هر ٻئي ٽيئن سال سوين فلسطيني عرب ماري وري وقتي ناهہ جون ڳالهيون ڪري، مسلمانن کي جذباتي ڪري، انهن کي روڄڻ تي آڻي، انهن کي ايتري شدت تائين چتو ۽ چريو ڪري ٿا ويهن جو اهي پنهنجن ئي پٽين تي اسرائيل کي گارگند ڪري، نعري بازي ڪري، جهنڊا ڦوڪائي، القدس القدس ڪري ڪري چِتا ٿي ٿا پون، جو ڪڏهن ڪڏهن شدت ۾ پنهنجي ملڪن، ماڻهن، ملڪيتن کي نقصان پهچائي رڳو زباني ڪلامي ڪم ڪري وري چپ، پر عملي ڪم تہ اسرائيل ۽ ڀارت ٿو ڪري معني سڪتا نعرا نہ پر واقعي ئي پنهنجن نسلن لاءِ عملي قدم، يا فلسطيني عربن جي ايتري خون ريزي ٿا ڪن جو مسجد اقصي ۾ اندر گهري فائرنگ ٿا ڪن، پر مجال آ جو ڪو عرب اٽي اهو چئي هان تہ اسرائيل سان بائيڪاٽ آ، پر ساڳي ڳالهہ ڪشمير سان بہ آ تہ جيئن دنيا جي مسلمان فلسطين کي انهن جي خطي جو مسئلو ٿا سمجهن، انهن جي زبان ۽ زمين جو مسئلو ٿا سمجهن، تيئن ئي ڪشمير کي بہ عرب اجائي سجائي مسئلو ٿا سمجهن ۽ ڪڏهن بہ ڀارت کي ناراض نہ ڪندا، ۽ نہ ئي ان جي لاءِ عملي قدم کڻڻ جي همت سارينداا، پر ڀارت پنهنجو ڪم ڪري ويندي، ۽ اسان قوم کي "ڪشمير بني گا پاڪستان" جهڙي ڏٿي ۾ رکندا ايندا سين. ۽ غريبن جي ٽيڪس، معدني دولت ۽ ٻيون ڪمايون رڳو بم گولن تي خرچ ڪري سرحدن جا ٽينشن وڌائي پوءِ وزيرخارجا وانگي اهڙو بيان جاري ڪنداسين جنهن ۾ اسان جو پائي جو ڏوهہ نہ هوندو.

گهنگهريا گهڻ جاڻ، موڙهي مٽ مهائيين:
ويا ڳڏجي ويرم، پيا مُنهن مهراڻ:
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارڻ وسري.

شاهہ عبداللطيف

حر هلي آئيو مانجهي مردانو

اعجاز مماڻي

سن 61هہ جو آغاز اهڙين دردناڪ مصيبتن سان ٿيو جنهن پوري انسانيت جا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا جڏهن رسول خدا صلعم عالم انسانيت کي جهالت مان ڪڍي جن دين جي نور سان نوازيو تنهن جي آل کي ڪربلا جي رڻ ۾ رولي بيدرديءَ سان قتل ڪري سندن لاشن جي بي حرمتي ڪئي وئي [illegible]

ملعون عمر سعد اچڻ سان ئي ڪربلا جي دشت نينوا وٽ امامن جي قافلي کي روڪيو ۽ تمام سختيءَ سان پيش آيو فرات جي ڪناري تان خيما پٽي ڏنائين ۽ امامن جو پاڻي بہ بند ڪري ڇڏيائين ان موقعي تي امام حسين عليہ السلام پنهنجي غربت ۽ مظلوميت بيان ڪرڻ لاءِ استغاثو بلند ڪيو هاڻي حر کي تمام احساس ندامت ٿيو تہ يزيد اهلبيت عہ سان تمام ظلم پيو ڪري پاڻ پنهنجا هٿ پويان ڪان ٻڌي، پيرين اگهاڙو زاروقطار روئيندو مولا حسين عليہ السلام جي خيمي ۾ پنهنجي پٽ، ڀاءُ ۽ هڪ دوست سوڌو پيش ٿيو ۽ معافي طلب ڪندي چيو "مولا! مون کي معاف ڪيو مون کان خطا ٿي آهي آئون ڏاڍو پليل ۽ ڀٽڪيل هوس، مون کي تہ خبرئي نہ هئي تہ مون کي آل محمد ۽ اهلبيت سان مقابلي لاءِ موڪليو ويو آهي "مولا حسين عليہ السلام حر جي التجا منظور ڪئي ۽ کيس سيني سان لاتو ۽ حر جون سڀ اڳيون پويون خطائون معاف فرمايائون حضرت حر سڀني کان پهرين يزيدين سان جنگ وڙهڻ لاءِ اجازت طلب ڪئي جيڪا بہ منظور ڪئي وئي ان منظر کي شاهہ سائينءَ هن ريت چٽيو

حر هلي آيو مانجهي مردانو
آهيان عاشق آڳ جو پتنگ پروانو
مان راضي ٿئي رسول ربّ جو نبي تو نانو
هي سر سمانو، گهوٽ مٿان ٿي گهوريان!

خدا! مان تنهنجي بارگاهہ ۾ توبہ ڪريان ٿو تون منهنجي توبہ قبول فرماءِ ڇو تہ مون تنهنجي دوستن جي ۽ تنهنجي پيغمبر جي اولاد کي ڊيڄاريو ۽ مٿن خوف طاري ڪيو ان کان پوءِ حر امام عہ السلام جي خدمت ۾ هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ مولا مان اهو شخص آهيان جنهن توهان تي سختي ڪئي ۽ توهانکي مدني واپس موڪلڻ جي اجازت نہ ڏني مون کي اها خبر نہ هئي تہ اهي ماڻهو توهان تي ايتري سختي ڪندا هاڻي مان توبہ ڪري معافيءَ جو طلبگار آهيان ڇا منهنجي خطا معاف ٿي سگهي ٿي؟

امام حسن عہ السلام فرمايو تہ جي ها! خدا تنهنجي توبہ قبول ڪندو گهوڙي تان هيٺ لهي اچ جواب ۾ چيائين هيٺ لهڻ کان بهتر آهي تہ مونکي اجازت ڏيو تہ توهانجي نصرت لاءِ وڙهي توهانجي دشمنن کي في النار ڪريان مان ئي اهو پهريون شخص آهيان جنهن توهانجو رستو روڪيو هاڻي اهو پهريون شخص ٿيڻ چاهيان ٿو جيڪو توهان مٿان قربان ٿيان، ۽ خدا جي رهہ ۾ شهيد ٿيان شاد منهنجو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿئي جيڪي روز قيامت توهانجي نانا حضرت محمد سان مصافحو ڪندا_

هئي هدايت حر کي ازل ۾ اصلا
چڙهي آئيو جنگ تي هلي هن پارا
ايندي چيائين امام کي گهوريس ان مٿاءِ
لايڪلف الله نفساً الا وسعها جيڪا پڄنديم سا
گهوٽ بہ لڳا گهاءِ سوڀڻ شير شهيد ٿيو

ان کان پوءِ امام حسن عہ السلام کيس جنگ جي اجازت ڏني ۽ حضرت حر عليہ السلام دلرانہ حملا ڪيا ۽ دشمن سپاهہ جي وڏن وڏن سورمن ۽ جنگي ماهرن کي واصل جهنم ڪري پنهنجي شجاعت جا اعليٰ مثال پيش ڪري شهادت جو جام پيتو ۽ شهادت جي اعليٰ رتبي تي فائز ٿيا ان جي لاش امام حسن عہ السلام جي خدمت ۾ آندو ويو تہ حضرت امام حسين عليہ السلام، حضرت حر عہ جي چهري تان خون ۽ مٽي صاف ڪندي فرمايو تہ "تون دنيا ۽ آخرت ۾ آزاد مرد آهين جو تنهنجي ماءُ تنهنجو نالو حر (آزاد) رکيو آهي

بقايا 01

۾ ڪيون هن چيو تہ اڄ 100 ڳالهيون ڪري رهيا آهن 8 سالن ۾ اليڪشن ڪميشن ۾ ڪرٽي هئي نہ. رانا ثناءالله جو خوف عمران خان کي هو انهيءَ ڪري 20 ڪلو هيروئن جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو هن چيو تہ رانا ثناءالله جي ڊپ کان 25 مئي تي عمران صاحب خيبرپختونخواہ ڀڄي ويو هو فواد احتياط سٺي شئي آهي حيثيت ۽ اوقات تائين نہ وڃو تہ اوهان لاءِ سٺو ٿيندو هن چيو تہ فارن فنڊنگ ڪيس جو فيصلو اچي چڪو آهي هاڻي قانون مطابق عمل ٿي رهيو آهي هن چيو تہ 8 سالن ۾ هڪ رپيو ۽ هڪ اڪائونٽ جو حساب ناهي ڏنو هاڻي ڪنهن جواب جي ضرورت نہ آهي هاڻي فارن ايجنٽ عمران خان ۽ فارن ايڊڊ پارٽي جو ڪو فراڊ ۽ تماشو ختم.

بقايا 02

پئي وڃي، وفاقي جاچ ادارو (ايف آءِ اي) معاملي جي جاچ ڪري حقيقتون سامهون آڻي. هن چيو تہ فوج خلاف پروپيگنڊا جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي. فوج جي عظيم قربانين کي قوم سلام پيش ڪري ٿي.

بقايا 03

جو احتساب تمام ضروري آهي. هن چيو تہ اسان جي شهيدن جو مذاق اڏائڻ ۽ انهن کي گهٽ وڌ چوڻ جي سوشل ميڊيا مهم رڳو شرم جوڳي ئي نہ پر خوفناڪ بہ آهي. تڪبر واري ۽ منافقاڻي سياسي نظريي جو اهو ئي نتيجو آهي تہ هو ڪچن ذهنن ۾ زهر ڀري بدتهذيبي کي هٿي ڏيندو آهي. وزيراعظم سوال ڪيو تہ آخر اسان جو معاشرو ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي. اسان کي شدت سان پنهنجي احتساب جي ضرورت آهي. واضح رهي تہ هڪ ڏينهن اڳ بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو هو تہ هيليڪاپٽر حادثي تي سوشل ميڊيا تي مهم هلائيندڙن جي مالي سرپرستي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 04

۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ذريعي لڳل پابندي کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي اندرين ذريعن ٻڌايو تہ پارليامينٽ سياستدانن تي سڄي جمار لاءِ پابندي کي ڪالعدم ڪري سگهي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ عدالت ان کي لاڳو نہ ڪري سگهي ذريعن چيو تہ جيڪڏهن قانونسازي کي پارليامينٽ ۾ آندو وڃي ٿو ۽ بعد ۾ ان کي منظور ڪيو وڃي ٿو تہ نتيجي ۾ ان جو فائدو نوازشريف کي ٿيندو هن چيو تہ هن قانون کي متعارف ڪرائڻ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران سپريم ڪورٽ ۾ سياستدانن تي تاحيات پابندي کي چئلينج ڪندڙ درخواست جي نتيجن سان ڳنڍيل هوندو هن کان اڳ مسلم ليگ (ن)جي نائب صدر مريم نواز اشارو ڏنو هو تہ سندس والد واپس اچڻ چاهي ٿو جڏهن تہ واپسي ۾ ڪجهہ مسئلا رنڊڪ بڻيل آهن خانگي ٽي وي مطابق اپريل ۾ شهبازشريف جي وزيراعظم بڻجڻ کان پوءِ مسلم ليگ (ن) جا ڪجهہ اڳواڻ ان اميد سان هئا هاڻي سندن پارٽي اڳواڻ جلد ئي سندن وچ ۾ هوندو جڏهن تہ قانوني رنڊڪون سندس واپسي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ذريعن مطابق نوازشريف ٿي سگهي ٿو تہ عام چونڊن کان اڳ پاڪستان واپس اچي سگهي ٿو ڇوتہ (ن) ليگ جي اڳواڻن جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ پي ٽي آئي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ان جي موجودگي ضروري آهي هلندڙ سال اپريل ۾ وزيراعظم جي عهدي تان هٽايل پي ٽي آئي چيئرمين جي وڌندڙ قبوليت سبب پوري مسلم ليگ (ن) جي قيادت ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ چونڊن ۾ پارٽي کي فتح حاصل ڪرڻي آهي تہ چونڊن کان اڳ نوازشريف جي نوازشريف جو پاڪستان ۾ هجڻ ضروري آهي. پنجاب ۾ گذريل مهيني ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ شرمناڪ شڪست پارٽي اندر ان خيال کي هٿي بخشي آهي تہ مريم نواز ۽ شهبازشريف جهڙي ٻئي درجي جي قيادت عمران خان جي سياسي قد جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. مريم نواز جي جارحاڻي چونڊ مهم جي باوجود 22 جولاءِ تي ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ مسلمليگ (ن) کي شڪست ٿي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس پنجاب جي حڪومت تان هٿ ڌوئڻا پيا ذريعن جو چوڻ آهي تہ (ن) ليگ جي سينيئر قيادت جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ رڳو نوازشريف عمران خان تي ضابطو آڻي سگهي ٿو گهرو وزير رانا ثناءالله نوازشريف جي جلد واپس اچڻ بابت افواهن کي رد ڪري ڇڏيو اهي جڏهن تہ هن ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ نوازشريف ايندڙ عام چونڊن کان اڳ پارٽي جي مهم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واپس اچي ويندو.

بقايا 05

ويندي پاڪستان جي ڪجهن علائقن مٿان گذري رهي آهي، زمين جي سروي ڪري رهي آهي ۽ کين سرڪاري بريفنگ ۽ ريڊ ڪارپيٽ ڏنو ويو آهي. انهن علائقن ۾ عام پاڪستاني شهري نٿا وڃي سگهن. هن چيو تہ ڇا ڊونلڊ بلوم وائسراءِ آهي ۽ ان جو نالو ۽ تڪبر سيني تي حاوي آهي؟ آمريڪي سازش تحت حڪومت جي تبديلي جو هڪ ٻيو نڪتو پورو ٿيو شيرين مزاري طرفان شيئر ڪيل تصويرن ۾ ڊونلڊ بلوم کي هيلي ڪاپٽر ۾ طورخم بارڊر ويندي ڏسي سگهجي ٿو ۽ سيڪيورٽي اختياريون کيس بريفنگ ڏئي رهيون آهن.

بقايا 06

رشيد پنهنجي بيان ۾ چيو هو تہ زميني طاقتون 15 جماعتن سان گڏ آهن ۽ آسماني طاقت عمران خان گڏ آهي.

بقايا 07

۽ قوم جي دل آزاري ٿي آهي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جاري بيان ۾ تہ پنهنجين حرڪتن کان نہ مڙيو تہ پاڪستان جي غيرتمند عوام جا هٿ سندس ڳچيءَ ۾ هوندا، عمران خان کي عوام بني گالا مان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندو

بقايا 08

برآمد. هر پاسي يا حسين جون صدائون. ڪراچي ۾ امام عباس علمدار جي ياد ۾ مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو حيدرآباد ۾ قديمي جهولي پاڪ وارو ماتمي جلوس منزل ڏانهن روان دوان. سکر، لاڙڪاڻو ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد جي ننڍن وڏن شهرن ۾ بہ عزاداري جاري آهي هالا، ٺل، ميرپوربرڙو، ڪنڌڪوٽ، مبارڪپور، ڳڙهي حسن ۽ ٻين شهرن مان بہ ماتمي جلوس برآمد. عزادارن جي لاءِ پاڻي ۽ شربت جون سبيلون بہ لڳايون ويون

بقايا 09

يا قوم جي حيثيت سان هڪ ٿي سخت امتحان کي منهن ڏينداسين؟ سندس چوڻ هو تہ آزادي واري جلسي ۾ ان فسطائيت کي منهن ڏيڻ جي منصوبي جو اعلان ڪندس.

بقايا 10

نوٽيفڪيشن موجب يوٽيلٽي اسٽورن تي ڪارا چڻا 48 رپيا في ڪلو ثابت مسور 10 رپيا في ڪلو مهانگو ڪيو ويو آهي. واڌ کانپوءِ ڪاري چڻيءَ جو اگهہ 172 رپين مان وڌائي 220 رپيا في ڪلو ڪيو ويو آهي. دال جو اگهہ 270 رپيا مان وڌائي 310 رپيا في ڪلو ڪيو ويو آهي. ساهت مسور جو اگهہ 170 رپيا في ڪلو کان وڌي ويو آهي. 275 رپيا 310 رپيا ۽ مونگ جي دال جو اگهہ 170 مان وڌائي 200 رپيا ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ چنا جي دال جو اگهہ 190 مان وڌائي 220 رپيا في ڪلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 11

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نظير رند کي بدلي ڪري قاسم آباد اسپتال ۾ ايم ايس مقرر ڪيو ويو هو 10 مئي تي سندس بدلي ۽ ايم ايس طور قاسم آباد اسپتال ۾ مقرري جو آرڊر بہ سروسز کاتي پاران جاري ڪيو ويو هو. 3 مهينا گذري وڃڻ باوجود ڊاڪٽر نظير رند چارج نہ ورتي، ڊي جي صحت سان ويجهڙائپ سبب اڃا تائين ڊي جي آفيس ۾ عهدي تي ويٺل آهي قاسم آباد اسپتال ۾ عقيل قريشي کي ايم ايس واري عهدي تان هٽائي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو ڊاڪٽر نظير رند پاران چارج نہ وٺڻ سبب عهدي تان هٽايل ايم ايس بہ ٽن مهينن کان سيٽ تي ويٺل آهي ڊاڪٽر نظير رند ڊي جي صحت جمن باهوٽو جو ويجهو دوست هجڻ سبب چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري صحت جي حڪمن کي ٽڏي ڇڏيو. قاسم آباد اسپتال جي ايم ايس جي مقرري وارو معاملو 3 مهينن کان لٽڪيل هجڻ باوجود سيڪريٽري صحت بہ بيوس بڻجي ويو آهي

بقايا 12

سيما ضياءَ کي بہ طلب ڪري ورتو آهي. ان کانسواءِ ٻن خانگي بئنڪن جي آفيسرن کي بہ ايف آءِ اي آفيس طلب ڪيو ويو آهي. خانگي بئنڪن جي آفيسرن کي 10 آگسٽ تي ايف آءِ اي آفيس ڪراچي ۾ طلب ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر سيما ضياءَ کي 12 آگسٽ ۽ سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل کي 15 آگسٽ تي طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا 13

امان جي بحالي ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ قربانيون ڏنيون. هن چيو تہ لسبيلا سانحي جي شهيدن جي وارثن سان ڏک ۾ قوم برابر جي شريڪ آهي. سياستدان فوج سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪن. هر شئي برداشت ڪري سگهجي ٿي پر فوج خلاف پروپيگنڊا برداشت جوڳي ناهي. سندس چوڻ هو تہ سياستدان سياسي معاملن کي پاسي تي رکي پروپيگنڊا مهم کي ناڪام بڻائين ۽ فوج جي مڪمل سپورٽ ڪن.

بقايا 14

۽ جي آءِ ٽي بہ جوڙي ويندي پريس ڪانفرنس دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو تہ اميد آهي تہ رانا ثناءالله، عطا تارڙ ۽ ملڪ احمد خان جاچ ۾ سهڪار ڪندا. رانا ثناءالله جي حيثيت ڪوهسار ٿاڻي جي ايس ايچ او جيتري آهي، حڪومتي تبديليءَ کانپوءِ فيصل آباد بہ نہ ويو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو تہ ايف آءِ اي ڪهڙي حيثيت ۾ پارٽي اڳواڻن کي نوٽيس جاري ڪري رهي آهي. اليڪشن ڪميشن فارين فنڊنگ واري ڪيس ۾ رڳو پي ٽي آءِ خلاف فيصلو ڏنو. قانون موجب هر سياسي پارٽي بابت فيصلو اچڻ گهرجي ها

بقايا 15

سڄي ملڪ ۾ ماتمي جلوس ڪڍيا ويا. مختلف شهرن ۾ ذاڪرين ڪربلا ۾ حضرت قاسم جي بهادري جا واقعا بيان ڪيا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي يزيد فوج جي مظالم جو ذڪر ڪيو ويو ماتمي جلوسن ۾ ماتمي جلوسن سان گڏ ماتمي جلوس پڻ ڪڍيا ويا. امام عالي مقام جي سپهہ سالار حضرت عباس ۽ امام حسين عہ جي ذوالجناح جي تصوير رکي وئي.

بقايا 16

گهرو وزير رانا ثناءالله چيو تہ عالمي بنارسي ٺگ غير ملڪين کان غيرقانوني طور ڊالر ونندي پڪڙجي پيا آهن هن چيو تہ پرڏيهي فنڊن ڪيس ۾ خبر پئي آهي تہ عمران نيازي جو ڪيترو گندو آهي. شهيدن خلاف مهم هلائيندڙ گندا ۽ گهٽيا ڪردار آهن وفاقي گهرو وزير وڌيڪ چيو تہ عمران نيازي 8 پوري ڪوشش ڪئي تہ پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جو فيصلو نہ اچي، پر الله تعاليٰ سچ ظاهر ڪري ڇڏيو الله سائين جو ڪرم ٿيو جو جعلي صادق ۽ امين جي اصليت قوم جي سامهون اچي وئي.

بقايا 17

ڪئي آهي. موسميات کاتي موجب سنڌ ۾ چوماسي جون هوائون داخل ٿي رهيون آهن، جڏهن تہ 9 آگسٽ کان هوائون شدت اختيار ڪري سگهن ٿيون. موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ 9 کان 13 آگسٽ تائين ڪراچي، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، بدين ۽ جيڪب آباد سميت مختلف هنڌن تي ڪٿي هلڪي تہ ڪٿي تيز برسات پئجي سگهي ٿي. ذريعن موجب بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ 10 آگسٽ کان برسات جي شدت ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي، خضدار، لسبيلي، حب ۽ ڪيرٿر ۾ تيز مينهن جو امڪان آهي.

بقايا 18

جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيس 27 جون تي اداري جي چيف ريسرچر اناٽولي ميسلو کي هائپر سونڪ ميزائل بابت ڳجهي ڄاڻ منتقل ڪرڻ تي غداري جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر ايلگزينڊر جي گرفتاري کي ڪي پڻ ان معاملي سان جوڙيو پيو وڃي. ياد رهي تہ چين، روس ۽ آمريڪا جون فوجي طاقتون اهڙا هائپر سونڪ گلائڊ وهيڪل (HGV) هٿيار ناهڻ لاءِ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن، جيڪي ٿيوريٽيڪلي هائپر سونڪ رفتار سان اڏڻ جي صلاحيت رکندا آهن. ماهرن موجب اهڙن هٿيارن خلاف دفاع ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويندو آهي.

بقايا 19

سيني کي چور چوندڙ ڊڪليئرڊ صادق ۽ امين جو قوم گهيرو ڪري. حڪومت ۽ اتحادي جماعتن فارن فنڊنگ ڪيس کي منطقي انجام تي پهچائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي.

بقايا 20

دوران 6 ٻار سميت 24 فلسطينين کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ 200 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. اسرائيلي فوج اسلامي جهاد جي سينيئر قيادت کي ختم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي غزا تي هڪ هفتي تائين فضائي حملا جاري رکڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. سعودي عرب غزا تي قابض اسرائيلي فوج جي حملن جي سخت مذمت ڪندي عالمي برادري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. پاڪستان بہ اسرائيلي حملن جي مذمت ڪندي عالمي برادري کان مطالبو ڪيو آهي تہ فلسطينين خلاف طاقت جي استعمال کي روڪرايو وڃي.

بقايا 21

دعويٰ ڪئي وئي آهي تہ عمران خان ڪجهہ تحفا تہ پئسا ڏئي حاصل ڪيا پر اڪثر تحفا ادائيگي بنا ئي پنهنجي گهر کڻي ويو جڏهن تہ توشا خانا جي قاعدن تحت انهن جي وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻ گهربي هئي. عمران خان خلاف ريفرنس ۾ الزام آهي تہ عمران خان انهن تحفن کي پنهنجي گوشوارن ۾ بہ ظاهر نہ ڪيو واضح رهي تہ اليڪشن ڪميشن پي ڊي ايم جي درخواست تي عمران خان کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس 18 آگسٽ تي طلب ڪيو آهي.

بقايا 22

پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ تحفا ڏنا ويا ۽ بعد ڪجهہ ڏينهن اڳ ليارِي ندي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل راجپوت برادري جي نوجوان آصف راجپوت جي گهر پهچي تعزيت ڪئي ۽ لاسي گوٺ جي پٺائي چوڪ تہ عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي هن چيو تہ جماعت اسلامي خدمت خلق ۾ سڀ کان اڳيرو آهي ۽ اسان جي واحد جماعت آهي جيڪو بغيرڪنهن مفاد جي عوام جي خدمت جو جذبو رکي ٿو اسان کي اميد آهي عوام بہ اسان جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائيندو هن چيو سهراب گوٺ يوسي چار تي اسان جماعت اسلامي پاران اميدوارن عبدالستار برفت سميت ۽ ٻين اميدوارن کي 28 آگسٽ تي تارووز تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا هن چيو تہ هن ڀيري بہ برساتي ڏيڏرن کي شڪست ڏيئي جماعت اسلامي کي ڪامياب ڪريو ڪراچي جو ميئر

بقايا 23

ڏيوالي ڏانهن وڃي رهيو آهي. ناڻي جي متاستا جا ذخيرا، ٻهچ ۽ ايڪسپورٽ گهٽ ٿي رهي آهي، ناڻي وارو وزير هڪ هفتو ٽيڪس لڳائي ٿو ۽ ٻئي هفتي ختم ڪري ڇڏي ٿو هن چيو تہ هن وقت تائين سموريون آئيني ترميمون ملڪ لاءِ نہ پنهنجي ذات ۽ مفاد لاءِ ڪيون ويون آهن. ايتري تائين جو قرض لاءِ بہ آرمي چيف کي فون ڪرڻي پئي ٿي. سندس چوڻ هو تہ سياستدان پنهنجا خراب ڪپڙا ميڊيا ۾ ڌوئي رهيا آهن. هي ٻوڏ جا فوٽو ڪيڊرائڻ تي زور ۽ اسٽيٽ بينڪ جو گورنر مقرر ڪرڻ جو وقت ناهي. شيخ رشيد چيو تہ اليڪشن ڪميشن جي مفروضن ۽ تڪرارن ٻنهيان شريفن ۽ زرداري جو چهرو آهي.

بقايا 24

بس سروس کي بند رکيو ويو آهي. واضح رهي تہ گرين لائن بس سروس جي آخري ۽ مرڪزي اسٽيشن نمائش چورنگي ڀرسان ٽن ڏينهن تائين عاشوري جي ڏينهن جي سلسلي ۾ جلوس نڪرندو آهي. سيڪيورٽي سببن جي بنياد تي علائقي کي مڪمل طور سيل ڪيو ويندو آهي، گڏوگڏ اهو بہ خيال ڪيو ويندو آهي تہ عاشوري واري ڏينهن جي ڪري سرڪاري موڪلن ۽ ٻين مصروفيتن سبب مسافر موجود نہ هوندا.

بقايا 25

موبائل ايپ ۾ آزمايو پيو وڃي پر اهو رڳو پريميئر سبسڪرائيبرز لاءِ دستياب آهي. پنچ ـ ٽو ـ زوم نالي فيچر سان توهان ڪنهن بہ وڊيو کي پورٽريٽ يا فل اسڪرين ڏسندي بہ زوم ڪري سگهندا. ڪمپني موجب ان فيچر جي ٽيسٽ ٻهرين سيپٽمبر تائين جاري رهندي، جنهن کانپوءِ ان کي وڏي پيماني تي متعارف ڪرائڻ جو امڪان آهي.

بقايا 26

پهچي ويو ملڪ ۾ بجلي جي ڪل پيداوار 18 هزار 461 ميگاواٽ آهي. جڏهن تہ بجلي جي ڪل طلب 24 هزار 900 ميگاواٽ آهي. ذريعن موجب پاور ڊويزن موجب نجي شعبي جي اڪثر پاور پلانٽس مان 7500 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. ذريعن موجب پاور ڊويزن موجب پاڻي مان 6 هزار 700 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. اهڙي طرح ائٽمي فيول مان 2 هزار 425 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. سرڪاري ٿرمل پلانٽس مان 830 ميگا واٽ، ونڊ پاور پلانٽس مان 786 ميگا واٽ، سولر پلانٽس مان 145 ميگا واٽ ۽ ائٽمي فيول مان 2425 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. شارٽ فال ۾ واڌ سبب سڄي ملڪ ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، شهري علائقن ۾ 8 ڪلاڪ ۽ ٻهراڙين ۾ 12 ڪلاڪ بجلي بند ڪئي پئي وڃي.

بقايا 27

چوڌري پرويز الاهي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ احساس راشن رعايت پروگرام شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. پروگرام تحت 1000 رپيا مهينو بدران 1500 رپيا ماهوار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو پنجاب جي وڏي وزير چيو تہ غريبن کي اٽو، دال ۽ گيهہ سستي اگهہ تي ملندو، احساس راشن رعايت پروگرام تي عملدرآمد لاءِ اسٽيئرنگ ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جنهن جي سربراهي ڊاڪٽر ثانيہ نشتر ڪندي، اجلاس ۾ سوشل سيڪيورٽي پروگرامن کي هڪ پليٽ فارم تي ضم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڊاڪٽر ثانيہ نشتر احساس پروگرام بابت بريفنگ ڏني ۽ چيو تہ احساس راشن رعايت پروگرام بابت هڪ ورڪنگ گروپ پڻ ناهيو ويندو پرويزالاهي احساس پروگرامن لاءِ احساس ايڪٽ تيار ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو تہ احساس ايڪٽ اسيمبلي مان منظور ڪرايو ويندو.

بقايا 28

ايڊيشنل ڊي جي جي سربراهي ۾ 4 آفيسرن تي ٻڌل جي آءِ ٽي ڪميٽي جوڙي وئي آهي. ايف آءِ اي موجب ايڊيشنل ڊي جي سائبر ڪرائم ونگ محمد جعفر جي سربراهي ۾ جي آءِ ٽي جاچ ڪندي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر آپريشن سائبر ڪرائم ونگ نارٿ وقار الدين سيد، ايڊيشنل ڊائريڪٽر اياز ۽ عمران حيدر بہ جاچ ٽيم جو حصو هوندا.

بقايا 29

۾ ڪيون هن چيو تہ اڄ 100 ڳالهيون ڪري رهيا آهن 8 سالن ۾ اليڪشن ڪميشن ۾ ڪرٽي هئي نہ. رانا ثناءالله جو خوف عمران خان کي هو انهيءَ ڪري 20 ڪلو هيروئن جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو هن چيو تہ رانا ثناءالله جي ڊپ کان 25 مئي تي عمران صاحب خيبرپختونخواہ ڀڄي ويو هو فواد احتياط سٺي شئي آهي حيثيت ۽ اوقات تائين نہ وڃو تہ اوهان لاءِ سٺو ٿيندو هن چيو تہ فارن فنڊنگ ڪيس جو فيصلو اچي چڪو آهي هاڻي قانون مطابق عمل ٿي رهيو آهي هن چيو تہ 8 سالن ۾ هڪ رپيو ۽ هڪ اڪائونٽ جو حساب ناهي ڏنو هاڻي ڪنهن جواب جي ضرورت نہ آهي هاڻي فارن ايجنٽ عمران خان ۽ فارن ايڊڊ پارٽي جو ڪو فراڊ ۽ تماشو ختم.

بقايا 30

جو احتساب تمام ضروري آهي. هن چيو تہ اسان جي شهيدن جو مذاق اڏائڻ ۽ انهن کي گهٽ وڌ چوڻ جي سوشل ميڊيا مهم رڳو شرم جوڳي ئي نہ پر خوفناڪ بہ آهي. تڪبر واري ۽ منافقاڻي سياسي نظريي جو اهو ئي نتيجو آهي تہ هو ڪچن ذهنن ۾ زهر ڀري بدتهذيبي کي هٿي ڏيندو آهي. وزيراعظم سوال ڪيو تہ آخر اسان جو معاشرو ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي. اسان کي شدت سان پنهنجي احتساب جي ضرورت آهي. واضح رهي تہ هڪ ڏينهن اڳ بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو هو تہ هيليڪاپٽر حادثي تي سوشل ميڊيا تي مهم هلائيندڙن جي مالي سرپرستي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 31

۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ذريعي لڳل پابندي کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي اندرين ذريعن ٻڌايو تہ پارليامينٽ سياستدانن تي سڄي جمار لاءِ پابندي کي ڪالعدم ڪري سگهي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ عدالت ان کي لاڳو نہ ڪري سگهي ذريعن چيو تہ جيڪڏهن قانونسازي کي پارليامينٽ ۾ آندو وڃي ٿو ۽ بعد ۾ ان کي منظور ڪيو وڃي ٿو تہ نتيجي ۾ ان جو فائدو نوازشريف کي ٿيندو هن چيو تہ هن قانون کي متعارف ڪرائڻ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران سپريم ڪورٽ ۾ سياستدانن تي تاحيات پابندي کي چئلينج ڪندڙ درخواست جي نتيجن سان ڳنڍيل هوندو هن کان اڳ مسلم ليگ (ن)جي نائب صدر مريم نواز اشارو ڏنو هو تہ سندس والد واپس اچڻ چاهي ٿو جڏهن تہ واپسي ۾ ڪجهہ مسئلا رنڊڪ بڻيل آهن خانگي ٽي وي مطابق اپريل ۾ شهبازشريف جي وزيراعظم بڻجڻ کان پوءِ مسلم ليگ (ن) جا ڪجهہ اڳواڻ ان اميد سان هئا هاڻي سندن پارٽي اڳواڻ جلد ئي سندن وچ ۾ هوندو جڏهن تہ قانوني رنڊڪون سندس واپسي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ذريعن مطابق نوازشريف ٿي سگهي ٿو تہ عام چونڊن کان اڳ پاڪستان واپس اچي سگهي ٿو ڇوتہ (ن) ليگ جي اڳواڻن جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ پي ٽي آئي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ان جي موجودگي ضروري آهي هلندڙ سال اپريل ۾ وزيراعظم جي عهدي تان هٽايل پي ٽي آئي چيئرمين جي وڌندڙ قبوليت سبب پوري مسلم ليگ (ن) جي قيادت ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ چونڊن ۾ پارٽي کي فتح حاصل ڪرڻي آهي تہ چونڊن کان اڳ نوازشريف جي نوازشريف جو پاڪستان ۾ هجڻ ضروري آهي. پنجاب ۾ گذريل مهيني ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ شرمناڪ شڪست پارٽي اندر ان خيال کي هٿي بخشي آهي تہ مريم نواز ۽ شهبازشريف جهڙي ٻئي درجي جي قيادت عمران خان جي سياسي قد جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. مريم نواز جي جارحاڻي چونڊ مهم جي باوجود 22 جولاءِ تي ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ مسلمليگ (ن) کي شڪست ٿي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس پنجاب جي حڪومت تان هٿ ڌوئڻا پيا ذريعن جو چوڻ آهي تہ (ن) ليگ جي سينيئر قيادت جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ رڳو نوازشريف عمران خان تي ضابطو آڻي سگهي ٿو گهرو وزير رانا ثناءالله نوازشريف جي جلد واپس اچڻ بابت افواهن کي رد ڪري ڇڏيو اهي جڏهن تہ هن ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ نوازشريف ايندڙ عام چونڊن کان اڳ پارٽي جي مهم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واپس اچي ويندو.

بقايا 32

ويندي پاڪستان جي ڪجهن علائقن مٿان گذري رهي آهي، زمين جي سروي ڪري رهي آهي ۽ کين سرڪاري بريفنگ ۽ ريڊ ڪارپيٽ ڏنو ويو آهي. انهن علائقن ۾ عام پاڪستاني شهري نٿا وڃي سگهن. هن چيو تہ ڇا ڊونلڊ بلوم وائسراءِ آهي ۽ ان جو نالو ۽ تڪبر سيني تي حاوي آهي؟ آمريڪي سازش تحت حڪومت جي تبديلي جو هڪ ٻيو نڪتو پورو ٿيو شيرين مزاري طرفان شيئر ڪيل تصويرن ۾ ڊونلڊ بلوم کي هيلي ڪاپٽر ۾ طورخم بارڊر ويندي ڏسي سگهجي ٿو ۽ سيڪيورٽي اختياريون کيس بريفنگ ڏئي رهيون آهن.

بقايا 33

برآمد. هر پاسي يا حسين جون صدائون. ڪراچي ۾ امام عباس علمدار جي ياد ۾ مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو حيدرآباد ۾ قديمي جهولي پاڪ وارو ماتمي جلوس منزل ڏانهن روان دوان. سکر، لاڙڪاڻو ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد جي ننڍن وڏن شهرن ۾ بہ عزاداري جاري آهي هالا، ٺل، ميرپوربرڙو، ڪنڌڪوٽ، مبارڪپور، ڳڙهي حسن ۽ ٻين شهرن مان بہ ماتمي جلوس برآمد. عزادارن جي لاءِ پاڻي ۽ شربت جون سبيلون بہ لڳايون ويون

بقايا 34

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نظير رند کي بدلي ڪري قاسم آباد اسپتال ۾ ايم ايس مقرر ڪيو ويو هو 10 مئي تي سندس بدلي ۽ ايم ايس طور قاسم آباد اسپتال ۾ مقرري جو آرڊر بہ سروسز کاتي پاران جاري ڪيو ويو هو. 3 مهينا گذري وڃڻ باوجود ڊاڪٽر نظير رند چارج نہ ورتي، ڊي جي صحت سان ويجهڙائپ سبب اڃا تائين ڊي جي آفيس ۾ عهدي تي ويٺل آهي قاسم آباد اسپتال ۾ عقيل قريشي کي ايم ايس واري عهدي تان هٽائي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو ڊاڪٽر نظير رند پاران چارج نہ وٺڻ سبب عهدي تان هٽايل ايم ايس بہ ٽن مهينن کان سيٽ تي ويٺل آهي ڊاڪٽر نظير رند ڊي جي صحت جمن باهوٽو جو ويجهو دوست هجڻ سبب چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري صحت جي حڪمن کي ٽڏي ڇڏيو. قاسم آباد اسپتال جي ايم ايس جي مقرري وارو معاملو 3 مهينن کان لٽڪيل هجڻ باوجود سيڪريٽري صحت بہ بيوس بڻجي ويو آهي

بقايا 35

۽ جي آءِ ٽي بہ جوڙي ويندي پريس ڪانفرنس دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو تہ اميد آهي تہ رانا ثناءالله، عطا تارڙ ۽ ملڪ احمد خان جاچ ۾ سهڪار ڪندا. رانا ثناءالله جي حيثيت ڪوهسار ٿاڻي جي ايس ايچ او جيتري آهي، حڪومتي تبديليءَ کانپوءِ فيصل آباد بہ نہ ويو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو تہ ايف آءِ اي ڪهڙي حيثيت ۾ پارٽي اڳواڻن کي نوٽيس جاري ڪري رهي آهي. اليڪشن ڪميشن فارين فنڊنگ واري ڪيس ۾ رڳو پي ٽي آءِ خلاف فيصلو ڏنو. قانون موجب هر سياسي پارٽي بابت فيصلو اچڻ گهرجي ها

بقايا 36

جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيس 27 جون تي اداري جي چيف ريسرچر اناٽولي ميسلو کي هائپر سونڪ ميزائل بابت ڳجهي ڄاڻ منتقل ڪرڻ تي غداري جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر ايلگزينڊر جي گرفتاري کي ڪي پڻ ان معاملي سان جوڙيو پيو وڃي. ياد رهي تہ چين، روس ۽ آمريڪا جون فوجي طاقتون اهڙا هائپر سونڪ گلائڊ وهيڪل (HGV) هٿيار ناهڻ لاءِ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن، جيڪي ٿيوريٽيڪلي هائپر سونڪ رفتار سان اڏڻ جي صلاحيت رکندا آهن. ماهرن موجب اهڙن هٿيارن خلاف دفاع ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويندو آهي.

بقايا 37

پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ تحفا ڏنا ويا ۽ بعد ڪجهہ ڏينهن اڳ ليارِي ندي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل راجپوت برادري جي نوجوان آصف راجپوت جي گهر پهچي تعزيت ڪئي ۽ لاسي گوٺ جي پٺائي چوڪ تہ عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي هن چيو تہ جماعت اسلامي خدمت خلق ۾ سڀ کان اڳيرو آهي ۽ اسان جي واحد جماعت آهي جيڪو بغيرڪنهن مفاد جي عوام جي خدمت جو جذبو رکي ٿو اسان کي اميد آهي عوام بہ اسان جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرائيندو هن چيو سهراب گوٺ يوسي چار تي اسان جماعت اسلامي پاران اميدوارن عبدالستار برفت سميت ۽ ٻين اميدوارن کي 28 آگسٽ تي تارووز تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا هن چيو تہ هن ڀيري بہ برساتي ڏيڏرن کي شڪست ڏيئي جماعت اسلامي کي ڪامياب ڪريو ڪراچي جو ميئر

شپ جماعت اسلامي کي ملي وڃي تہ هو اڳ کان اڳيرو ٿي ڪري ڪراچي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ اوليت جي بنياد تي ترقياتي ڪم ڪرائيندا هن چيو تہ ڪراچي جي ميئرشپ هميشہ جماعت اسلامي ،ايم ڪيو ايم ان ٻنهي پارٽين کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ ملي آهي ۽ هن دفعي ڪراچي جي ميئر شپ جماعت اسلامي کي ملندي ۽ ان بعد گڏاپ يوسي چار سهراب گوٺ ٽائون جي مختلف ڳوٺ سائينداد ڳوٺ ،ايوب ڳوٺ ،صيفل ڳوٺ ،نورخان ڳوٺ، وزيرڳوٺ ،احسن آباد ۾ تعزيتون ڪيون ۽ عوامي ميڙن خطاب ڪيو

بقايا 38

پهچي ويو ملڪ ۾ بجلي جي ڪل پيداوار 18 هزار 461 ميگاواٽ آهي. جڏهن تہ بجلي جي ڪل طلب 24 هزار 900 ميگاواٽ آهي. ذريعن موجب پاور ڊويزن موجب نجي شعبي جي اڪثر پاور پلانٽس مان 7500 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. ذريعن موجب پاور ڊويزن موجب پاڻي مان 6 هزار 700 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. اهڙي طرح ائٽمي فيول مان 2 هزار 425 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. سرڪاري ٿرمل پلانٽس مان 830 ميگا واٽ، ونڊ پاور پلانٽس مان 786 ميگا واٽ، سولر پلانٽس مان 145 ميگا واٽ ۽ ائٽمي فيول مان 2425 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. شارٽ فال ۾ واڌ سبب سڄي ملڪ ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، شهري علائقن ۾ 8 ڪلاڪ ۽ ٻهراڙين ۾ 12 ڪلاڪ بجلي بند ڪئي پئي وڃي.

بقايا 39

۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ذريعي لڳل پابندي کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي اندرين ذريعن ٻڌايو تہ پارليامينٽ سياستدانن تي سڄي جمار لاءِ پابندي کي ڪالعدم ڪري سگهي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ عدالت ان کي لاڳو نہ ڪري سگهي ذريعن چيو تہ جيڪڏهن قانونسازي کي پارليامينٽ ۾ آندو وڃي ٿو ۽ بعد ۾ ان کي منظور ڪيو وڃي ٿو تہ نتيجي ۾ ان جو فائدو نوازشريف کي ٿيندو هن چيو تہ هن قانون کي متعارف ڪرائڻ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران سپريم ڪورٽ ۾ سياستدانن تي تاحيات پابندي کي چئلينج ڪندڙ درخواست جي نتيجن سان ڳنڍيل هوندو هن کان اڳ مسلم ليگ (ن)جي نائب صدر مريم نواز اشارو ڏنو هو تہ سندس والد واپس اچڻ چاهي ٿو جڏهن تہ واپسي ۾ ڪجهہ مسئلا رنڊڪ بڻيل آهن خانگي ٽي وي مطابق اپريل ۾ شهبازشريف جي وزيراعظم بڻجڻ کان پوءِ مسلم ليگ (ن) جا ڪجهہ اڳواڻ ان اميد سان هئا هاڻي سندن پارٽي اڳواڻ جلد ئي سندن وچ ۾ هوندو جڏهن تہ قانوني رنڊڪون سندس واپسي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ذريعن مطابق نوازشريف ٿي سگهي ٿو تہ عام چونڊن کان اڳ پاڪستان واپس اچي سگهي ٿو ڇوتہ (ن) ليگ جي اڳواڻن جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ پي ٽي آئي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ان جي موجودگي ضروري آهي هلندڙ سال اپريل ۾ وزيراعظم جي عهدي تان هٽايل پي ٽي آئي چيئرمين جي وڌندڙ قبوليت سبب پوري مسلم ليگ (ن) جي قيادت ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ چونڊن ۾ پارٽي کي فتح حاصل ڪرڻي آهي تہ چونڊن کان اڳ نوازشريف جي نوازشريف جو پاڪستان ۾ هجڻ ضروري آهي. پنجاب ۾ گذريل مهيني ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ شرمناڪ شڪست پارٽي اندر ان خيال کي هٿي بخشي آهي تہ مريم نواز ۽ شهبازشريف جهڙي ٻئي درجي جي قيادت عمران خان جي سياسي قد جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. مريم نواز جي جارحاڻي چونڊ مهم جي باوجود 22 جولاءِ تي ٿيندڙ نندي چونڊ ۾ مسلمليگ (ن) کي شڪست ٿي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس پنجاب جي حڪومت تان هٿ ڌوئڻا پيا ذريعن جو چوڻ آهي تہ (ن) ليگ جي سينيئر قيادت جو خيال آهي تہ سياسي ميدان ۾ رڳو نوازشريف عمران خان تي ضابطو آڻي سگهي ٿو گهرو وزير رانا ثناءالله نوازشريف جي جلد واپس اچڻ بابت افواهن کي رد ڪري ڇڏيو اهي جڏهن تہ هن ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ نوازشريف ايندڙ عام چونڊن کان اڳ پارٽي جي مهم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واپس اچي ويندو.

01 بقايا سنڌيار

جي عزادارن ماتم ڪري يا حسين يا حسين جون صدائون بلند ڪيون اهل تشيع جي آگواڻن مرڪزي امام بارگاهه جي قبلا ٻه ٻه جاڳهيو وڏيڪ تفصيل موجب ٻه مذهبي جوش ۽ جذبي سان جاري آهن اج ٻه ائين محرم تي شهر جي مرڪزي امام بارگاهه تي عزادارن جو سلسلو زور شور سان جاري آهي